
ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ
شهزادي
ماهہ نور
(ٻارن لاءِ وندرءِ سکيا جون دلچسپ ڪهاڻيون)
چانڊوڪي

# شهزادي ماهہ نور

(ٻارن لئہ ونڊر ۾ سکيا جون دلچسپ ڪھاڻيون)

ليکڪا

## ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

چانڊوڪي پبليڪيشن

واهي پانڌي 2023ع

ڊجيٽل ايڊيشن

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

**ڪتاب: (11)**

ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري ۽ ليکڪا وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: شهزادي ماهه نور
موضوع: ٻاراڻو ادب
ليکڪا: ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ
ڪمپوزنگ: گلزيب هڪڙو
ٽائيٽل : مهراڻ سهتو
ڇاپو پهريون: مئي 2023ع
ڇپائيندڙ: محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي حيدرآباد
ڇپيندڙ: **چاندوڪي** پبليڪيشن واهي پانڌي
cell: 0334-2208151

**ملهه: 200 روپيه**

# ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**www.sindhsalamat.com**
2023ع

ملڻ جا هنڌ:
پٽائي بڪ اسٽور، حيدرآباد ڪويتا ڪتاب گهر ،دانيال ڪتاب گهر قاسم آباد، رُومي ڪتاب گهر ايگريڪلچر ڪامپليڪس حيدرآباد، **ڪنول** ڪتاب گهر، حيدر چونڪ پيڪاڪ ڪتاب گهر حيدرآباد، ون ڊالر شاپ پريس ڪلب حيدرآباد، سمبارا ڪتاب گهر حيدرآباد، فريندس بڪ اسٽال نسيم نگر چوڪ.مدني بڪ اسٽال دادو الاحسان گهر ڪتاب ميهڙ، اردو بازار ڪراچي، مُرڪ ڪتاب گهر ڪراچي.

# انتساب

اربيان ٽي پنهنجو هيءُ پيار پريو پورهيو
سنڌ جي انهن ادارن کي
جيڪي ٻالڪ ادب ۾ ڪتابن جي ڇپائڻ کي ترجيح ڏيندڙ آهن.
جيئن، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ ڪلچر کاتو ۽ خاص طور مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، پوپٽ پبلشنگ خيرپور، چانڊوڪي پبليڪيشن، محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي ڏيپلائي ٽائون حيدرآباد ۽ ٻيا ادارا آهن جيڪي هن اهم ڪم ۾ هٿ ونڊائي سنڌي جي ٻارن جي مستقبل لاءِ محبت سان اها محنت سرانجام ڏيئي رهيا آهن

## سنڌسلامت پاران:

**سنڌ سلامت ڪتاب گھر پاران ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ پاران ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو ”شهزادي ماھ نور“ اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون.**
**ٻارڙن لاءِ لکيل ڪهاڻين جي هن مجموعي ۾ وندر ۽ سکيا جون ڪهاڻيون آهن. جنهن ۾ ٻارن کي وندر سان گڏ سکيا به ڏني ويئي آهي. اسان وٽ ٻارن لاءِ جيڪو به ادب لکيو ويو آهي ان ۾ ٻارن کي نصيحتون وڌيڪ ڏنل آهن. ٻار جلد نصيحت به تڏهن قبول ڪندو جڏهن انهن کي تفريح فراهم ڪئي ويندي آهي. ڊاڪٽر پروين ٻارن جي نفسيات ۽ ذهني سطح کي سامهون رکي ڪهاڻيون لکيون آهن، جنهن ۾ ٻارن کي تفريح ڏيندي ڏيندي نصيحت ڪري وجي ٿي.**
**هي ڪتاب چانڊوڪي پبليڪيشن، واهي پانڌي پاران 2023ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جا جن هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.**

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سنڌي


| | | |
|---|---|---|
| سنڌي ادب جي جاکوڙي سورمي: | عيسيٰ ميمڻ | 07 |
| سنڌي ٻاراڻي ادب جي ”ماهہ نور“: | محمد ياسين ڪنير | 10 |
| پنهنجي پاران: | ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ | 12 |


# ڪهاڻيون


| | |
|---|---|
| 1۔ شهزادي ماهہ نور | 13 |
| 2۔ غرور جو انجام | 18 |
| 3۔ دوستي | 22 |
| 4۔ خودداري | 26 |
| 5۔ لنچ باڪس | 31 |
| 6۔ نيڪي | 34 |
| 7۔ زيتون جو وڻ | 38 |
| 8۔ هيڊماستر | 42 |
| 9۔ صحبتپور ۾ صاحب | 47 |
| 10۔ امتحان جو فارم | 51 |
| 11۔ پري ۽ وفادار سپاهي | 54 |
| 12۔ ڪاميابيءَ جو راز | 58 |
| 13۔ ضدي ڇوڪرو | 61 |
| 14۔ سمجهدار نياڻي | 63 |

# سنڌي ادب جي جاڪوڙي سورمي

ٻار ڪائنات جي حسين تخليق آهن. جن جي هئڻ سان ڪائنات رنگين محسوس ٿيندي آهي. ٻار نہ صرف ڪائنات جي حسين تخليق آهن پر اسان جو مستقبل بہ آهن جنهن ڪري دنيا جا ترقي يافتہ ملڪ ٻارن جي آبياريءَ لاءِ تمام گهڻو ڌيان ڏيندا آهن. جيڪڏهن ٻار جي ننڍپڻ ۾ ئي تعليم ۽ تربيت سٺي هوندي تہ اڳتي هلي ان جو ڪردار سماج ۾ لاياڻتو ۽ قلدائڪ ثابت ٿيندو. نصاب کان سواءِ ٻارن لاءِ تخليق ڪيل ادب ٻارن جي تربيت ۾ بنيادي اهميت رکي ٿو. اهو سمجهڻ گهرجي تہ ٻارن لاءِ لکيل ادب کان سواءِ دنيا جو ڪو بہ ادب ترقي نہ ٿو ڪري سگهي. ٻاراڻي ادب جي وسيلي هڪ نئين انسان جي تعمير ڪئي ويندي آهي. جنهن سان معاشري جي پيڙهہ جي اوساري ٿيندي آهي. ٻارن لاءِ ادب سرجڻ تہ هوند ڏکيو بہ هوندو آهي تہ هڪ ذميواري جو عمل بہ آهي. ڏکيو ان ڪري تہ ٻارن جي ذهني سطح کي سامهون رکي لکڻ لاءِ پنهنجي ذهني سطح کي گهڻو هيٺ ڪٽي اچڻ تمام گهڻو مشڪل ڪم آهي. جنهن ڪري ٻارن لاءِ لکڻ سڀ جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ لکيل ادب, ماضيءَ ۾ ڪنهن قدر مطمئن ڪندڙ هو ڇاڪاڻ تہ ٻارن لاءِ تمام گهڻا رسالا, اخبارون ۽ ڪتاب شايع ٿيندا هئا هاڻي ان طرف ڪو خاص ڌيان نہ ٿو ڏنو وڃي. هاڻي ٻارن جي تربيت انٽرنيٽ ٽيڪنالوجي ۽ اينڊرائيڊ موبائل ڪري رهي آهي. جتي ٻارن کي پنهنجي وندر جون سڀ شيون ملي وڃن ٿيون. هي جيڪا زيڊ جنريشن (Z Generation) ڇئي وڃي ٿي, ان جنريشن جي صحيح ڏگ جو تعين ڪرڻ لاءِ اسان کي ادب جا وسيلا ۽ ذريعا بہ بدلائڻ جي ضرورت آهي .

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ مسلسل پنهنجو علمي ۽ فڪري پورهيو ڪري سمورو وقت لکڻ پڙهڻ ۾ مصروف آهي. ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل اٿس ان

ڪان علاوه مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ 500 ڪان مٿي مضمون ۽ مقالا لکيا اٿائين جڏهن تہ ڪيترائي ڪتاب اڻڇپيل پڻ آهن.

هن جتي ادب جي ٻين صنفن پاسن تي ڌيان ڏنو آهي. اتي هن ٻارن لاءِ پڻ لکڻ کي ترجيح پئي ڏني آهي. اهوئي سبب آهي جو ڊاڪٽر صاحبہ جا ٻاراڻي ادب تي لکيل ڪتاب مستقل ڇپجي رهيا آهن. ٻارن لاِءِ لکيل ڪهاڻين جو هي مجموعو ”شهزادي ماه نور“ جنهن ۾ وندر ۽ سکيا جون ڪهاڻيون آهن. جنهن ۾ ٻارن کي وندر سان گڏ سکيا بہ ڏني ويئي آهي. اسان وٽ ٻارن لاءِ جيڪو بہ ادب لکيو ويو آهي ان ۾ ٻارن کي نصيحتون وڌيڪ ڏنل آهن. ٻار جلد نصيحت بہ تڏهن قبول ڪندو جڏهن انهن کي تفريح فراهم ڪئي ويندي آهي. ڊاڪٽر پروين ٻارن جي نفسيات ۽ ذهني سطح کي سامهون رکي ڪهاڻيون لکيون آهن.جنهن ۾ ٻارن کي تفريح ڏيندي ڏيندي نصيحت ڪري وجي ٿي. هن ڪتاب جي ٽائيٽل ڪهاڻي ”شهزادي ماه نور“ پڙهڻ سان پهريان محسوس ٿيندو تہ پراڻي انداز جي ڪهاڻي آهي مگر ان ۾ جيڪا خودداري ۽ ٻارن کي پنهنجو مدد پاڻ تحت جيئڻ جو سبق ڏنو ويو آهي اهو انداز ٻارن کي هن سماج ۾ قابل بڻائڻ لاءِ خاص اهميت رکي ٿو. هيءَ ڪهاڻي هڪ وندر سان گڏ نصيحت ڏيندڙ ڪهاڻي آهي. هن ڪتاب ۾ شامل ٻيون ڪهاڻيون جنهن ۾ ”غرور جو انجام“، ”دوستي“، ”خودداري“، ”لنچ باڪس“، ”نيڪي“، ”زيتون جو وڻ“، ”هيڊ ماستر“، ”صحبت پورءِ صاحبہ“، ”امتحان جو فارم“، ”پري ۽ وفادار سپاهي“، ”ڪاميابيءَ جو راز“، ”ضدي ڇوڪرو“، ”سمجهدارنياڻي“ اهڙيون ڪهاڻيون آهن جيڪي اسان جي سماج جو عڪس ۽ اولڙو پيش ڪن ٿيون. جنهن ۾ ٻارن جي مسئلن ڪان وٺي سماج ۾ انهن سان ٿيل زيادتين جو اولڙو بہ پيش ڪن ٿيون. هنن ڪهاڻين جي خاص ڳالهہ اسلوب آهي. اسلوب ٻارن جي ذهني سطح کي سامهون رکي اختيار ڪيو ويو آهي. جنهن ڪري جڏهن ٻار هنن ڪهاڻين کي پڙهڻ

شروع ڪندو تہ يقينن ڪھاڻيءَ جي سحر ۾ گم ٿي ويندو. جنھن سان ھن جي ذھني نشونما بہ ٿيندي تہ ھن کي تفريح بہ حاصل ٿيندي.

ڪتاب "شھزادي ماھہ نور ۾ شامل سڀ ڪھاڻيون دِلپذير آھن. انھن ڪھاڻين مان مون کي وڌيڪ سٺي ڪھاڻي "لنچ باڪس" لڳي جيڪا ٽيچر تانيہ ۽ شاگرد مرتضيٰ ۽ مرتضيٰ جي ماءُ جي چوطرف ڦري رھي آھي. تانيہ جو شاگردن سان ورتاءُ ۽ انھن جي ننڍين وڏن مسئلن ۾ دلچسپي، مرتضيٰ جي انسان دوستي، پنھنجي منجھد جي ماني ضرورت مند کي ڏيڻ ۽ ان جي ماءُ جو ان خيراتي ڪم ۾ دلچسپيءَ جي ڪري خوش ٿيڻ تائين، انھن سڀني ڳالھين جي ڪري ، ھيءَ ڪھاڻي مڪمل تاثر ڇڏيندڙ ڪھاڻي آھي. جيڪا ٻارن ۾ پنھنجي بک کان وڌيڪ ٻين جي بک کي سمجھڻ جي نصيحت تي مبني آھي. ايئن ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جون اھي سڀ ڪھاڻيون، ڀرپور اثر ڇڏيندڙ آھن. جيڪي بار بار پڙھڻ ۽ سمجھڻ لاءِ اتساھين ٿيون تہ ٻئي طرف ٻارن لاءِ لاياڻتيون ڪھاڻيون آھن. مان ھن ڪتاب "شھزادي ماه نور" جي حوالي سان اھا ڳالھہ يقين سان چوان ٿو تہ ھي ڪتاب سنڌي ادب ۾ خاص ڪري ٻارن جي ادب جي حوالي سان جوڳي جڳھہ ضرور پيدا ڪندو.

**عيسيٰ ميمڻ**

**لاڙڪاڻو**

# سنڌي ٻاراڻي ادب جي ”ماھ نور“

سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ مرد شاعرن ۽ اديبن جو ته ڪوڙ سارو شانائتو ڪم ٿيل آهي پر اتي اسانجي سنڌي ادب جي نامور نثرنگار عالمه اديبه ۽ ڏاهي عورت ادي پروين موسيٰ ميمڻ به سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ چڱو خاصو ڪم ڪيو آهي-جو هن هڪ سؤ کان مٿي ڪهاڻيون لکي ٻاراڻين ڪهاڻين جي سينچري ٺاهي آهي-اڳ ڇپيل ٻاراڻن ڪتابن ”اخلاقي قدر“، ”ٽي تحفا“ ۽ ”شرارتي جن“ به سنو اسڪور ناهيو. توڙي جو هوءَ سنڌي ادب ۾ لطيفيات جي سينئر ۽ ڏاهي ليکڪ آهي پوءِ به ڪيس ڌرتيءَ جي تارن سان پيار جو هي سھڻو ثبوت آهي. جنهنجي ڪهاڻين ۾ قديم ڳالهين سميت جديد رجحانن جو به حَسين امتزاج ملي ٿو. ٻاراڻي سطح تي لکيل ڪهاڻيون ٻار ٿي ڪري لکيون اٿس، جيڪو ڏاڍو اٽانگو ڪم آهي. ڪيترائي اديب وڏو نالو ڪمائي ٻاراڻي شاعري ۽ ٻاراڻو ادب لکڻ کان لنوائيندا آهن پر اسانجي ادي لٽريچر ۾ خاصي شهرت ماڻي به ننڍڙن تي نوازش ڪرڻ نه وساري آهي- هونئن به انسان هيٺاهين کان ئي مٿاهين حيثيت ماڻي ٿو يعني ڏاڪڻ جا بنيادي ڏاڪا ئي آهن جيڪي ماڻهوءَ کي مٿاهين جڳه تي پهچائڻ ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪن ٿا. علمي ادبي خدمتن سبب رهندي دنيا تائين پروين ميمڻ جو نالو تاريخ ۾ ياد رکيو ويندو. سندس هي تازو ڪتاب ”شهزادي ماھ نور“ ته نهايت ئي نرالو ۽ نڪور ٻاراڻين ڪهاڻين سان ٺمٺار ٿيل دلچسپ ۽ وري وري پڙهڻ جهڙو آهي، جن ۾ سبق آموز ۽ نصيحت ڀريا نڪتا به آهن. ٻارن کي سڌي دڳ تي گامزن ڪرڻ لاءِ پراثر نظم توڙي نثر سٺو ڪردار ادا ڪن ٿا. ڪهاڻين ڪهاڻين ۾ پيڻ ٻارن کي ذهني تفريح مهيا ڪرڻ سان گڏوگڏ ملڪن ۽ شهرن جو به سير ڪرايو آهي ته ڪاميابين جا راز به ٻڌايا آهن. جتي تڪبر ۽ هٺ جهڙن غليظ عادتن کي ننديو آهي اتي وفاداري، خودداري نيڪيءَ ڪاميابي جون روح پرور سمجهاڻيون به ڏنيون آهن. يعني دنياوي

ڪامرانين سان گڏوگڏ عقبيٰ اجارڻ جا سھڻا ڏس ڏنا آھن. ڏنگين راھن کي چڙي سھڻي سيرت اپنائڻ لاءِ اتساھيو آھي. پروسي، محنت جي ڦل خير و صدقات جا ڏيڻ جا جذبا بہ اياريا آھن. ھي صرف چوڏھن ڪھاڻيون ئي نہ آھن بلڪہ روشنيءَ ۽ رھبريءَ جون چوڏھن راھون بہ آھن. محترمہ ڊاڪٽر پروين ميمڻ صاحبہ بہ گويا سنڌي ٻاراڻي ادب جي ھڪ ”ماھ نور“ آھي. جس ھجي اداري ”چانڊوڪيءَ“ کي جنھن ھي ڪتاب سھڻو ڪري شايع ڪيو آھي. قوي اميد آھي تہ ھي آڪاڻين جو ڳٽڪو پڙھي، آئيندي جا ابا ضرور اثرائتا، لاياڻتا، ماناڻتا سگھڙاڻا ۽ مُلھاڻتا مرتبا ماڻيندا.

**محمد ياسين ڪنير**

**سلطانپور-پنوعاقل**

03003135557

# پنهنجي پاران:

پيارو ٻارو! مون کي توهان جي لاءِ مضمون ۽ ڪهاڻيون لکڻ تمام گهڻو پسند آهي. گهڻو اڳ ٻالڪ ادب لاءِ هڪ مضمونن جو ڪتاب لکيو هئم پر هاڻي مستقل ڪهاڻيون لکندي پئي اچان ۽ هيستائين هڪ سئو کن ڪهاڻيون لکي چڪي آهيان، جن مان ڪي ڪتاب ڇپائيءَ جي مرحلن ۾ آهن ته ڪي ڪمپوز ٿي رهيا آهن پر ڪتاب "تي تحفا" ۽ "شرارتي جن" ڇپجي توهان ٻارن طرف پسنديدگي جي موٽ ماڻي چڪا آهن.

هن ڪتاب جون ڪهاڻيون جديد به آهن، ته ڪي قديم به. گهڻي ڀاڱي هن دور جي تقاضن موجب تعليم جي موضوع تي آهن. ته جيئن ٻارڙن کي خبر پئي ته "علم حاصل ڪرڻ جيءَ جو جياپو آهي ته ڪين دين ۽ دنيا جي مڪمل آگهي ڏيڻ جو رستو پڻ."

هنن ڪهاڻين ۾ بي زبان وڻن، پنن ۽ جانورن جي حفاظت ۽ سٺي سلوڪ ڪرڻ جا سبق آهن ته سهڻيءَ سيرت جون خوبيون پڻ ٻڌايون اٿم. ٻارڙن کي غرور ۽ فخر کان بچاءُ ته نيڪي ڪرڻ جي ترغيب لاءِ همٿايو اٿم.

ضد ڪرڻ، بيجا طور پنهنجي وڏن کي تنگ ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ "ضد" جي رويي جي نقصانن کان پڻ آگاھ ڪيو اٿم.

وفاداري توڪل، خودداري ۽ محنت جي ماڻهوءَ جي حياتيءَ ۾ ڪيتري اهميت آهي؟ اهو منهنجا پڙهندڙ ٻار هن ڪتاب مان ضرور سکندا، خيرات ڏيڻ سان ڪهڙيءَ ريت ڏکئي بکئي جي دُعا سان اوکي ويل ٽري ٿي ۽ رب پاڪ جي رحمت حاصل ٿئي ٿي، ان قسم جا ڪيترائي سٺا اخلاقي سبق هن ڪتاب جي ڪهاڻين جا موضوع آهن. آئون ڪهاڻي يا مضمون لکڻ کان اڳ انهيءَ جي موضوع تي باقائدي سوچ ويچار ڪري پوءِ قلم کي هٿ ۾ کڻندي آهيان، ته جيئن منهنجا پڙهندڙ نون نون توڙي پراڻن پر ضروري موضوعن کي وقت پٽاندر سمجهي سگهن.

منهنجي خيال ۾ ته مستقبل جي معمار ننڍن جوانن لاءِ هيءُ ڪتاب مشعلِ راھ ٿيندو. هو وندر سان گڏ ڪيترائي نصيحتي نڪتا به پرائيندا.

**ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ**
اي_ 03 ڏيپلائي ٽائون حيدرآباد، سنڌ
رابطي لاءِ: 03332766564

# شهزادي ماهہ نور

ٻارو: ڳالهہ ڪندا آهن تہ ڪنهن ملڪ جي بادشاهہ کي ست نياڻيون هيون. جن کي بادشاهہ تمام سٺو ڪارائيندو، پيارينڊو ۽ بهترين پوشاڪون پهرائيندو. کين تعليم جي زيور سان پڻ سينگاريو هئائين. سندس ننڍي نياڻي شهزادي ماهہ نور پڙهڻ ۾ هوشيار ۽ خاص طور ديني تعليم ۾ سيني ڀيڻن کان اڳتي هئي. بادشاهہ فرخ شير بہ کين گهڻو پيار ڪندو هو. بادشاهہ ۾ وڏيون خوبيون هيون پر هڪ اهڙي خامي هئي جنهن سندس خوبين کي گسو ڪري ڇڏيو هو. اها خامي هئي فخر ۽ غرور ۽ خود کي مٿانهون ۽ صحيح سمجهڻ. هو سمجهندو هو تہ وٽس جيڪي ڪجهہ آهي انهيءَ ۾ هُن جو پنهنجو وڏو ڪمال آهي. بادشاهہ اڪثر پنهنجي نياڻين کان پڇندو رهندو هو تہ، "مون توهان کي گهڻو خوش رکيو آهي؟ ڇا اوهين خوش آهيو؟" سندس مقصد هو تہ شهزاديون ٻين درٻاري ۽ چاپلوسي ماڻهن وانگر سندس واکاڻ ڪن ۽ کيس ئي خدا سمجهن.

هڪ ڏينهن پنهنجي سيني ڌيئرن کي گهرائي سٺي ماني گڏجي کائڻ سان گڏ کائڻ ورائي ورائي پڇيائين تہ، "توهان کي ڪير ٿو کارائي ۽ ڪنهن جو ڏنل ٿيون پايو؟" سيني هڪ ئي نموني چيو تہ، "بادشاهہ سلامت اسين اوهان جو ڏنل کائيندا آهيون ۽ توهان ئي اسان کي سٺيون پوشاڪون پارايو ٿا". شهزادي ماهہ نور چپ ويٺي هئي، کيس پنهنجي والد جا اهي وڏائيءَ جا گفتا پسند ڪونہ آيا. بادشاهہ ڌانهس منهن ڪندي ساڳيو سوال سختيءَ سان پڇيو تہ، "تون چپ ڇو آهين؟" شهزادي ماهہ نور ورندي ڏني تہ، "قبلا بابا سائين! آئون الله جو ڏنل کائيندي آهيان ۽ پنهنجي قسمت جو مليل پائيندي آهيان." بادشاهہ فرخ شير کي سندس اهو جواب ڪارو ۽ اڻ وڻندڙ لڳو کيس هڪدم ڪاوڙ اچي وئي ۽ چيائين،

”جيڪڏهن ائين آهي تہ هڪدم هن محلات مان هلي وڃ، ڏسان تہ تون ڪيئن پنهنجي قسمت سان ڪائين ٿي ۽ پائين ٿي“.

پنهنجي خادمن کي حڪم ڏنائين تہ، ”هن شهزاديءَ کي وڃي جهنگ ۾ ڇڏي اچو“. هن نٿي چاهيو تہ سندس انهيءَ شهزاديءَ کي ڏسي ٻيون پيئرون بہ ڪا ان قسم جي ڳالهہ ڪن. هن ريت جا باغياڻہ خيال رکندڙ هيءُ ڇوڪري ٻين پيٽن جو بہ مٿو وڃائيندي ان ڪري بهتر آهي تہ گهران ئي ڪڍي ڇڏجيس.

شهزادي ماهہ نور جو الله تعاليٰ ۾ مڪمل يقين هو هوءَ الله جي رستي تي قائم هئي استاد صاحب کيس پڙهايو هو تہ، ”الله تعاليٰ ئي هر شيءِ تي قادر آهي. اُهو جيئارڻ وارو، مارڻ وارو ۽ ڪارائڻ ۽ پارائڻ وارو آهي ۽ اُن ڏاتيءَ سڳوري جي مرضيءَ کان سواءِ پن بہ ڇُري نٿو سگهي.“

جڏهن کيس محلات مان ڪڍيو پئي ويو هڪ وار ڏک ضرور ٿيس پر پنهنجي رب تي مڪمل ڀروسو هئس تہ هو هن اوکيءَ ويل ۾ ضرور سندس مدد ڪندو ۽ هيڪلو ڪونہ ڇڏيندو. ان ريت هوءَ جهنگ ۾ اڪيلي هلندي رهي، تان جو اچي شام ٿي، پري کان هڪ جهوپڙي ڏٺائين، کيس اميد قائم ٿي تہ هتي يقينن ڪير انسان هوندو جو سندس مدد ڪري سگهي، ويجهي پهتي تہ ڪنهن جي کنگهہ جو آواز ٻڌائين. اندر وڃي ڏسي تہ هڪ پوڙهو شخص کنگهي رهيو آهي. سندس ويجهو ئي مَٽَ ۽ گلاس پيا هئا پر منجهس پاڻي اوتي پيئڻ جي سگهہ نہ هئي ۽ نہ ئي کنگهہ وچان هو اٿي پئي سگهيو. شهزادي ماهہ نور هڪدم مَٽَ مان پاڻي پري گلاس ۾ وجهي کيس پياريو ۽ پوڙهو جڏهن سامت ۾ آيو تڏهن کيس حيرانيءَ سان ڏنائين ۽ پڇيائين تہ ”اي نينگري تون ڪُملي هن جهنگ ۾ اڪيلي ڪيئن پهتي آهين؟“

”ڇا تون پنهنجي وڳر کان وڇڙي وئي آهين؟“ شهزادي ماهہ نور سڄي سربستيءَ ڳالهہ ڪري ٻڌايس سمورو حال احوال وٽي پوڙهي احسان کي سندس پيءُ بادشاهہ فرخ شير تي ڏک ٿيو کيس تسلي ڏنائين، اهڙيءَ ريت شهزادي ماهہ

نور هن پوڙهي بابا احسان جي جهوپڙيءَ ۾ رات ٽڪي پئي، هن وٽ بہ جيڪا ماني پيل هئي، ان مان کيس بہ ٽڪر کارايائين. صبح جو احسان طبيعت ۾ ڪجهہ بهتر هو. هن شهزاديءَ کي چيو تہ. آئون ڪانيون ڪٽي شهر ۾ وڪڻي ڪاٺڻ لاءِ ماني وٺي ايندو آهيان، تون هتي ڪو بہ فڪر نہ ڪج، اندران دروازو بند ڪري ڇڏج هتي اندر ٻڪري ٻڌل آهي، ان جو کير ڏُهي پي ڇڏج.“

احسان جي وڃڻ ڪانپوءِ شهزاديءَ ان ريت ئي ڪيو. شام جو ٻڪريءَ جو کير ڏُهي اڌ کير پيتائين باقي جو بچيو سو ٻاهر هڪڙي برتن ۾ رکي پاڻ سمهي رهي، صبح جو ڏسي تہ برتن ۾ کير تہ موجود ڪو نہ هو پر ڳاڙهي رنگ جي هڪ سهڻي جرڪندڙ لعل پئي هئي. هوءَ شهزادي هئي ڪيس هيرن ۽ جواهرن جي سڃاڻپ هئي، کيس اها بہ خبر هئي تہ نانگ جڏهن خوش ٿيندو آهي تڏهن لعل ٻاهر اوڳاڇيندو آهي. ماهہ نور شهزادي سمجهي ويئي تہ سندس رکيل کير جنهن نانگ ٻُڪ ۾ پيتو آهي، ان خوشيءَ سان اها لعل کير جي برتن ۾ واتان وڏي آهي.

ماهہ نور کي تمام گهڻي سڪون ۽ خوشيءَ جو احساس ٿيو هن ٻئي ڏينهن بہ اڌ کير پي باقي کير برتن ۾ ٻاهر ڇڏي ڏنو ۽ نانگ ان رات اهو کير پي لعل کي انهيءَ برتن ۾ سندس لاءِ جڻ شڪراني طور تحفي ۾ ڏئي ويو. اهو سلسلو ست ڏينهن هليو. ماهہ نور وٽ ست لعلون گڏ ٿي ويون. پوڙهو احسان شهر پهچندي ڪنهن اهڙي مسئلي ۾ ڦاسي پيو جو واپس وري نہ سگهيو. کيس ماهہ نور جي ڏاڍي اون ٿي رهي هئي پر ڇا ڪري جو هن جي مجبوري بہ ڳري هئي ۽ الله در يقين هئس تہ ماهہ نور بهادر ۽ سمجهدار آهي، ان ڪري محفوظ هوندي. ستين ڏينهن جيئن ئي شهر مان جهنگ ڏي وري تڪڙو تڪڙو جهوپڙيءَ تائين پهتو تہ سندس خوشيءَ جي حد ئي ڪو نہ رهي، هن شهزاديءَ کي خوش باش ڏٺو. شهزاديءَ سڄو وهيو واپريو ٻڌايس. حيران بہ ٿيو کيس ڪا بہ خبر ڪو نہ هئي تہ انهن لعلن جي ڪيتري قيمت آهي ۽ انهن جو هاڻي ڇا ڪبو؟ شهزاديءَ چيس تہ ”بابا! اهي ڪٺي شهر ۾ ڪنهن وڏي سوناري وٽ وڃ ننڍي دڪان تي نہ وڃج هي هيرا جواهر آهن.

انهن جو ملھ قابل ماڻهو ڪٿيندو. اهي وڪڻندين تہ ڍڳ پئسن جا ملندا، گڏ ڪي مزور ۽ مستري ۽ گھر ٺاھڻ جو سامان وٺي اچ تہ پاڻ پڪو محلات اڏي رهون."

بابي احسان هائوڪار ڪئي ۽ ٻئي ڏينهن تي لعلون ڪٺي شهر ۾ وڃي وڪرو ڪيائين جنهن مان تمام گھڻا پئسا مليا. جيڪي هن تہ ڪڏهن ڏٺا بہ ڪو نہ هئا پر هو پاڻ وڏو ايماندار ۽ نيڪ نيت شخص هو. ماھ نور ڪي دعائون ڏيندي ڪيس پنهنجي لاءِ رب طرفان رحمت سمجهيائين. مزورن سان گڏ ڪاٺ پيٺڻ جو سيڙو سامان پڻ وٺي آيو. اهڙيءَ ريت ٿوري ئي وقت ۾ عاليشان محلات جڙي راس ٿيو.

پوءِ بہ وٽن ڪيترائي پيسا بچي ويا. ماھ نور ٻيهر شهزادين جيان رهڻ لڳي، ڪيترائي نوڪر چاڪر ۽ خادمائون رکڻ سان گڏ خيرخيراتون ڪيائون. سندس والد بادشاھ فرخ شير جو ملڪ ويجهوئي هوانهيءَ تائين جڏهن ماھ نور جي دولت جا چرچا پهتا تہ هو ساڻس ملڻ لاءِ مشتاق ٿيڻ لڳو ۽ ڪيس نياپو ڪيائين تہ منهنجون شهزاديون توهان سان ملڻ چاهين ٿيون.

شهزاديءَ جي محل جي چوگرد پڻ وڏو ڳوٺ ٻڌجي سٽي رونق ٿي وئي. شهزاديءَ پنهنجي والد بادشاھ فرخ ۽ ڇهن شهزادين کي دعوت ڏيئي گھر گھرايو. سندن اڳيان وٽندڙ طعام رکرائيندي رهي ۽ پاڻ هر طعام تي ان جي رنگ جهڙو جوڙو ۽ زيور پائي ساڻن ملاقات ۾ اچي ويهندي هئي پر پنهنجي منهن کي ڍڪي رکيائين. بادشاھ کيس پنهنجي ڌيءَ ڪوني منهن کولڻ جو جڏهن چوي ٿو تڏهن هوءَ ٿوري دير لاءِ اندر محلات ۾ وڃي شاهي ڪپڙا بدلائي اهو ساڳيو وڳو پائيندي آهي جنهن ۾ سندس والد کيس گھران تڙي ڪڍيو هو. بادشاھ ۽ شهزاديون کيس پراڻي روپ ۾ هڪدم سڃاڻي ٿا وٺن کين اها خبر نہ هوندي آهي تہ هيءُ ئي هن محلات جي مالڪياڻي شهزادي ماھ نور آهي، سندن نظر ۾ تہ هيءَ شهزادي ماھ نور جي خادمہ آهي. بادشاھ ڪائنس معافي وٺندي چيو "منهنجي ڌيءَ! آئون تنهنجي مالڪياڻي شهزاديءَ کي منهنجي سڄي ملڪيت ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. تہ

جيئن هو توکي اجازت ڏئي ۽ تون هاڻي اسان سان واپس هل. ڇو جو توکي گهران جهنگ موڪلڻ ڪانپوءِ آئون هڪ رات بہ سمهي ڪو نہ سگهيو آهيان منهنجي ضمير مون تي ڏاڍي ملامت ڪئي آهي، مون فرعونيت ڪري تو نياڻيءَ کي گهران ڪڍي ڇڏيو“.

شهزاديءَ مشڪي چيو تہ ”بابا سائين! آئون ئي ماهہ نور شهزادي آهيان مون کي رب پاڪ نانگ جي کير پيئارڻ جي نيڪيءَ جي صدقي جيڪي لعلون عطا ڪيون، انهن مان آئون هي نوازجي ويئي آهيان. اجا بہ مون وٽ چار لعلون آهن، جيڪي مون ڪنڌ ۾ مالها طور پائي ڇڏيون آهن“ اها مالها بادشاهہ کي ڏيکاريائين ڳاڙهين لعلن جي تجليءَ سان تہ بادشاهہ جون اکيون ئي پٽجي ويون، هو ٻيهر رب جي انهيءَ نوازش تي حيران پريشان ٿي پنهنجي ننڍيءَ شهزاديءَ ماهہ نور کان معافي گهرڻ لڳو.

”تنهنجي ڳالهہ سورنهن آنا سچ هئي شهزادي، بيشڪ اج ثابت ٿي ويو تہ هر هڪ انسان پنهنجي نصيب ۽ بخت سان ٿو کائي ۽ پيئي اهو سڀ ڏٽيءَ سڳوري جي وَس آهي، ڪنهن بہ انسان کي ڪا بہ طاقت ناهي.“

□

# غرور جو انجام

اڄ گهر ۾ ڊاڪٽر چاچا ڪي اچڻو هو جو پري ڪان پئي آيو گهرجي سڄي صفائي سهڻائيءَ سان ڪرڻ ڪانپوءِ امينا بورچيخاني ۾ اچي دعوت لاءِ نڪتل نفيس ٿانوَ احتياط سان ڌوئڻ لڳي هوءَ پنهنجي ڪم ۾ ايتري ته مگن هئي جو کيس خبر ئي ڪو نه پئي ته چاچي صالحه دروازي تي بيٺي آهي. کيس آهستي آهستي ڪم ڪندو ڏسي رڙ ڪيائين ته، "جلدي ڪر اڃا ميز به سجائڻي آهي ۽ ٻيو به ڪم پيو آهي!!" امينا جلدي جلدي هٿن کي هلائڻ لڳي صابڻ جي گجيءَ جي ڪري سندس هٿن مان هڪ خوبصورت شيشي جو جڳ تڪڙ جي ڪري ڪِري ٽٽي پيو. چاچي صالحه کي ته موقعو گهرجيو ٿي هن نفرت سان ڏانهس نهاريندي غصي ۾ کيس ٺڪڙ هڻي ڪڍي" صفا ڪا سست ۽ ٽوتي ڇوڪري آهين، توکي تميز ڪونهي ته نفيس شيشي جا برتن ڪهڙيءَ ريت صاف ڪبا آهن. اهو فقط تنهنجي بي ڌيانيءَ جي ڪري ٽٽو آهي، جاهل ڇوڪري. ان ريت هوءَ ڪاوڙ ڪندي اڳتي وڌي وئي، اهو به ڪو نه ڏٺائين ته امينا جي هٿ مان جڳ جا شيشا ميڙيندي رت نڪري رهيو هو. امينا پنهنجي رئي مان لير ڦاڙي آگر کي ڌاڳو ٻڌي رت کي به بند ڪيو پر سندس اکين مان ڳوڙهن جي برسات نه بيهي. هوءَ سوچڻ لڳي ته قدرت ڪيترو نه فرق ڪيو هڪ ئي گهر جي ڀاتين جي نصيب ناهڻ ۾ نماشام ٿيڻ واري هئي، دعوت جو وقت ويجهو اچي رهيو هو. امينا جي لڙڪن جي لارن وچان نندي لاڪون جون ساروڻيون ڪنهن فلم وانگر اکين جي پردي تي هلڻ لڳيون. کيس ياد اچڻ لڳو ته جڏهن سندس پيءُ حيات هو تڏهن ساڳيو چاچو ۽ چاچي کين جي پائيندا ڪو نه هئا ته به ڪائن نفرت ڪو نه ڪندا هئا. کين بوجهه ڪو نه سمجهندا هئا.

سندس پيءُ هڪ معمولي ٽائيپسٽ ڪلرڪ هو جڏهن ته چاچو انجنيئر فرقان بنگلي ۾ رهندو هو ۽ هي سڀ هڪ سرڪاري ڪوارٽر ۾ رهندا هئا ته به

پنهنجو وقت عزت سان ڪٽي ڪنهن جي اڳيان هٿ ڪونہ ٽنگيائون. بس رب جي قدرت هئي هڪ ئي ڏاڏي ۽ ڏاڏيءَ جو اولاد پر بخت هر ڪنهن جو الڳ الڳ هو. سندس سوٽ عليزه بہ ساڻس بدتميزيءَ سان پيش ايندي هئي جڏهن بہ هن پنهنجي ماءُ سان ڳالھ ڪئي تہ اها صبر جي هدايت ڪندي ٽڏو ساھ ڀري چوندي هئي تہ "پٽ اهو سڄو قدرت جو حساب ڪتاب آهي. هو جنهن کي چاهي نوازي ڪنهن کي جَرَ ٿو ڏي جال تہ ڪنهن کي سُٽيءَ لاءِ بہ سِڪائي ٿو پاڻهي رب رحم ڪندو" پيءُ جي اوچتي ايڪسيڊنٽ ۾ وفات ڪانپوءِ تہ ڪيس جڻ خود بہ خود صبر اچي ويو. هوءَ بيمار ماءُ سان ڪا بہ ڳالھ ڪا نہ ڪندي هئي تہ جيئن هوءَ وڌيڪ بيمار نہ ٿئي. پيءُ جي پينشن مان رُکي سکي ڪائي گذران ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن چاچو فرقان کين ڪجھ پئسا ڏيندو هو. جڏهن سندس گهر ۾ ڪا دعوت يا ڪو ڪم هوندو هو تہ پوءِ امينا کي مدد لاءِ گهرائي ڪجھ پئسا خرچيءَ جا ۽ ماني ٽڪي ڏئي روانو ڪندا هئا. بنا پگهار جي هوءَ سندن ڪم ماءُ جي چوڻ تي وڃي ڪري ايندي هئي. فقط انهيءَ لاءِ تہ چاچو تہ وري بہ پنهنجو آهي. ماري بہ ڇانوَ ۾ وجهندو.

ڊاڪٽر چاچا جيترو امينا کي ڀائيندو هو اوترو ئي عليزه کي پيار ڪندو هو جڏهن سندن گهر آيو. تڏهن امينا جو نوڪرن جيان ڪم ڪرڻ ڪيس پسند ڪونہ آيو. ويتر جو صالحہ ۽ عليزه جو ساڻس تڪبر وارو ورتاءُ ڏٺائين تہ دل کي جهٻو آيس. هفتي ڪانپوءِ عليزه پنهنجي ڪمري جي فرنيچر جي سيٽنگ بدلائڻ مهل امينا کي مدد لاءِ گهرايو هن عادت ڪان مجبور ٿي تڏهن بہ امينا کي سخت دڙڪا ڏنا ۽ ڪيس منحوس ۽ بي سمجھ چيو. چاچا ڊاڪٽر هفتي لاءِ ئي آيل هو هن دريءَ وٽان لنگهندي عليزه جون رڙيون ٻڌيون. سندس نامناسب رويي تي سخت ڪاوڙ آيس. سوچيائين تہ امينا تہ فقط 12 سالن جي آهي. عليزه ڪاليج جي شاگردياڻي تہ بہ ڪيس فضيلت ڪونهي جو ننڍيءَ سان پيار ۽ شفقت سان پيش اچي هن دل ۾ فيصلو ڪيو تہ ڇا بہ ٿي وڃي. پنهنجي وڏي ۽ غريب ڀاءُ جي

ٻارن کي هتان ڪوني پاڻ سان گڏ اسلام آباد ۾ رهايان ۽ پڙهايان. اهو خيال ڪري ٻئي ڏينهن پاءُ فرقان کي ٻڌايائين فرقان تہ دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو تہ هُو امينا سندس ماءُ ۽ ٻن ٻائرن جو بوجهہ کڻڻ کان بچي ويو اهو ڪونہ سوچيائين تہ يتيمن ۽ بيواهن جي مدد جو رب پاڪ واعدو ڪيو آهي. ان ريت ڊاڪٽر چاچا (اويس کي سڀ ڊاڪٽر چاچا چوندا هئا) تن ٻارن ۽ هڪ بيمار ڀاڄائيءَ کي اسلام آباد وٺي آيو.

عليزه ڪاليج مان واپسيءَ ۾ اچي ماءُ کي ٻڌايو تہ سڄي ڪاليج مان اسان جي ڪلاس کي ٽن ٽيچرز سان گڏ ڪوهہ مري گهمائڻ وٺي پيا وڃن. مون کي اجازت ڏيو آئون ضرور وينديس. ماءُ کي خبر هئي تہ هوءَ جيڪي چاهيندي اهو ڪم لاڏ زوريءَ سان مڃائي ضرور ڪندي. سو بنا بحث جي ڪيس موڪل ڏنائين پر ايترو سو ضرور چيائين، ”مٿي جبلن تي نہ چڙهجو“ ۽ سندس ٽيچر کي بہ فون ڪري خاص عرض ڪيائين تہ، هن کي ننڍپڻ کان جبلن تي چڙهڻ جو شوق آهي پر ذاتي طور مون کي خوف ٿيندو آهي. توهان ڪيس منع ڪجو.“

ڪوهہ مري پهچي عليزه ڏاڍي خوش ٿي، پنهنجي پراڻي خواهش جي لاءِ دل ۾ سوچيندي رهي هڪ دفعي سڀني ٽيچرز ۽ ساهيڙين کي آئيس ڪريم جي دڪان تي مشغول ڏسي اک بچائي پاڻ پاسي ۾ جبل تي چڙهڻ لاءِ هلي وئي تہ جيئن مٿان کان ڪوهہ مريءَ جو نظارو ڏسان اڌ ڪلاڪ چڙهڻ کانپوءِ هوءَ چڱي مٿي چڙهي وئي هئي. شوق ٿيس تہ، پويان مڙي ڏسان، هيٺ جو نظر ڪيائين تہ دهلجي وئي. سوچيائين هاڻي واپس ٿيان سڀ ڳوليندا هوندا. جيئن پويان مڙي واپسيءَ جو پير کنيائين اهو صحيح جڳهہ تي نہ ٻيهڻ سبب هوءَ ڦيريون پائيندي اچي بلڪل تَري ۾ ڪري. سندس رڙين سان چئوطرف جو وايومنڊل گونجي اٿيو. سڀ حيران ۽پريشان ٿي ويا.

اسپتال ۾ داخل عليزه جي مٿي مان گهٽو رت وهڻ ڪري دماغ جي آپريشن تي پر ڊاڪٽر مايوس هئا جو هوءَ سوچي سمجهي هلي ڦري سگهي تي پر ڳالهائڻ

جي قوت کان محروم ٿي وئي. روئي روئي بي حال ٿي وئي. پنهنجي ماءُ کي چيائين تہ ڪاپي پين آڻي ڏي. روئندي روئيندي ان مٿي لکيائين تہ“مون کي امينا گهرائي ڏيو” ٻئي ڏينهن چاچو ڊاڪٽر امينا کي وٺي اچي ويو. هوءَ صحتمند ۽ خوشحال ٿي رهي هئي عليزه ڪانئس روئي معافيون گهريون ۽ دُعا لاءِ چيو پنهنجي غرور ۽ فخر جو ڏک ڪندي رهي. چاچا ڊاڪٽر کين تسلي ڏني تہ ”منهنجو هڪ گهاٽو دوست آمريڪا ۾ دماغ جو وڏو ڊاڪٽر آهي، آئون ڪيس سڀيون رپورٽون موڪليان ٿو. انشاءَالله سٺائي ٿيندي، فڪر نہ ڪريو. سڀ گڏجي دُعا ڪنداسين اسين پنهنجي عليزه کي هن تڪليف مان ڪڍڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين“. فرقان صاحب ۽ چاچي صالحہ بہ تمام گهڻو روئي کين دُعا ۽ مدد لاءِ منٿون ڪرڻ لڳا. آئينده جي اميد تي هنن پاڻ ۾ موڪلايو. پيارا ٻارو ڪبريائي الله جي ذات کي ٿي جڳائي، ڪڏهن بہ تڪبر نہ ڪجو ڇو تہ فخر ۽ غرور هميشہ ماڻهوءَ کي هيٺانهين ڏي وٺي ويندا آهن.

□

# دوستي

ٻارو! اسان جي پياريءَ سنڌ جي قديم شهر ٺٽي جو ڪنهن وقت ۾ وڏو اوج هو. هن تاريخي شهر ڪيترن ئي حڪمرانن جا اوج ۽ زوال ڏٺا. هتي جا مغل نواب عيد جي ڏينهن ۾ ٺٽي جي شاهي بازار مان پنهنجي پاليل هاٿين تي پالڪين ۾ چڙهي شهر جو سير ڪندا هئا. مٿن روپين، سڪن ۽ سون جي گِنين برسات ڪئي ويندي هئي. جا خيرات شهر جا غريب غربا چونڊي کڻندا هئا. وقت گذرڻ سان آخرڪار اهي نوابن جون حڪومتون ختم ٿينديون ويون پر اڃا بہ ڪي شوقين هئا جي سٺن گهوڙن ۽ ٽانگن تي چڙهي موقعي مهل، عيد براد تي شهر جا نظارا ماڻيندا هئا. اهڙن شوقينن ۾ هڪ رئيس عبدالغفار پڻ هو. هن هڪ هاٿي پاليو. سندس بنگلو وڏي ايراضيءَ تي هو جنهن ڪري هن باغ جو هڪ حصو ۽ دالان هاٿيءَ جي سار سنڀال لاءِ رکيو. گڏ ان جي خدمت لاءِ هڪ خاص خادم پڻ رکيائين جو ان کي خوب سٺي نموني سنڀاليندو هو. رئيس غفار اڪثر جمعي نماز ڪانپوءِ يا ڪنهن دعوت يا محفل ۾ وڃڻ وقت هاٿيءَ تي سواري ڪندو هو. سندس لاءِ هاٿيءَ تي جهولٽي چڙهي بہ وجهي ويندي هئي تہ جيئن اُس کان بچاءُ ٿيئي. هو هاٿيءَ جي پٺيءَ تي رکيل پالڪيءَ جي سيٽ تي سٺي نموني ويهي فخر سان ٻين ڏي ڏسندو هو ۽ هاٿيءَ کي ان ريت سڄي شهر جو چڪر لڳرايو ويندو هو. تہ جيئن سڀ ماڻهو اهو ڏسن تہ رئيس عبدالغفار جي سواري اچي رهي آهي. هاٿي ڪارائڻ ۽سنڀالڻ ڪا معمولي ڳالهہ ڪانهي. اها شاهي سواري وڏي خرچ خوراڪ ۽ خادم جي خدمت جي ذريعي ئي قائم رهي سگهي ٿي ۽ ان ريت رئيس جي دولت جو پڻ ٻين تي رعب پوڻ لازم هو. هاٿي شهر جا ڦيرا لڳائي اُتي جي ماڻهن سان ايترو تہ مايوس ٿي ويو جو خادم کي ذرو بہ خوف ڪو نہ ٿيندو هو تہ ڪو هاٿي ڪيڏيءَ مهل شهر مان نڪري ڪنهن جهنگ ڏي هليو ويندو. انهيءَ ڪري هو سندس لاءِ بي فڪر ٿي ويو. انهيءَ شهر ۾ هڪ ڌوٻيءَ جو دڪان شهر

جي وچ ۾ هو. گرمين جا ڏينهن هئا. هن دفعي سانوڻيءَ جو وسڪارو تمام سٺو ٿيو ايترو تہ مينهن پيو جو هفتو کن شهر مان پاڻي ئي نہ سُڪي. ڌوٻي پريشان ٿي ويو مند تہ برابر مينهن جي آهي. ان ۾ ڪپڙا ڌوئڻ ۽ استري ڪري مالڪن کي پهچائڻ ڏکيا آهن پر آخرڪار ڪيس گهر جو گاڏو تہ هلائڻو هو. هو روز صبح سوير ڪپڙن جي ڳنڍ ڪڍي ڌوٻي گهاٽ تي ويندو هو منجهند تائين ڪپڙا ڌوئي شام کان اڳ انهن کي استري ڪري سانجهيءَ وقت ڌوتل استري ٿيل ڪپڙن کي پنهنجي گراهڪن جي گهرن ۾ پهچائيندو هو. اها سندس روز جي ڪرت هئي، ساڻس سندس زال ۽ پٽ بہ مدد ڪرائيندا هئا. پٽ اسڪول ۾ بہ پڙهڻ ويندو هو تہ زال کي گهرجي ڪم ڪار مان گهٽو وقت ملي ڪو نہ ٿي سگهيو. ان ڪري شرف الدين ڌوٻي گهٽي ياڳي سجو ڪم پاڻ ئي ڪندو هو. وٽس ڪو گڏهہ يا ڪو گاڏو وغيره ڪو نہ هو جنهن تي اهي ڪپڙن جون ڳنڍون ڍوئي ڪڍي وڃي. هو شام جو ڪم ڪري صفا ماندو ٿي گهر پهچي مالڪن کان مليل پئسا پنهنجي زال کي خرچ لاءِ ڏيئي ماني تڪر کائي سمهي رهندو هو. برسات جي ڏينهن کان مهينو کن اڳ هڪ ڏينهن اهو هاٿي سندس ڌوٻي گهاٽ وٽان اچي لنگهيو ۽ پنهنجي سونڍ کي مٿي ڪڍي ڪيس جهڙ سلام ڪيائين ڌوٻيءَ وٽ ان ڏينهن اتفاق سان هڪ گدرو پيل هو. هن اهو گدرو ڪڍي هاٿيءَ کي ڏنو. هڪڙي گدري مان هاٿيءَ کي ڇا ٿيئي؟ پر هاٿي ان وقت بکايل هو هن اهو گدرو شوق سان کاڌو ۽ خوش خوش پنهنجي سونڍ کي گهمائيندو ڪانئس روانو ٿيو.

هاٿي ٻئي ڏينهن وري آيو وٽس ڊبل روٽي هئي، اها کيس کارايائين پوءِ تہ اها روز جي ڳالهہ ٿي وئي، هاٿي جڏهن بہ ايندو هو شرف الدين ڌوٻي گهران آندل مانيءَ مان لاڪاس ڪجهہ نہ ڪجهہ رکي ڇڏيندو هو هڪ دفعي هن مِٺي ماني گهران ناهرائي جنهن جا وڏا تڪر کيس کارايائين اها ڳالهہ بہ ڪونہ هئي تہ هاٿيءَ کي پنهنجي مالڪ ۽ خادم جي معرفت کاڌو ڪو نہ پئي مليو. هن لاءِ تہ رئيس عبدالغفار منائيءَ جا نوڪرا. ڪمند جا مڻ. چاري پريل ڪونڊا رکائيندو

هو پر ڌوٻيءَ جي ڏنل ٿوري ڪاڏي ۾ هاٿي کي محبت جي مناس ۽ دوستيءَ جو خلوص ڏسڻ ۾ ايندو هو. هاڻي هاٿيءَ کي ڏسڻ ڪانسواءِ نہ ڌوٻيءَ کي مزو ايندو هو ۽ نہ ئي هاٿي کي. جڏهن برسات وڏي تباهي مچائي ڇڏي، تڏهن انهن ڏينهن ۾ شرف الدين وٽ تمام گهڻا ڪپڙا ڌوئڻ لاءِ گڏ ٿي ويا هئا نہ سڻي اُس نڪري ۽ نہ ئي روڊن رستن تان ڪچرو ۽ ترڪڻ گهٽجي ڪيس گراهڪن جا نياپا اچڻ لڳا تہ ڪپڙا جلدي ڌوئي پهچائي ٻئي پاسي گهر ۾ بہ جيڪي چار پئسا هئا اهي بہ ختم ٿي ويا. جوٽس بہ موسم جي خرابيءَ جي ڪري ڪافي بيمار ٿي، ڪيس پئسي جي گهڻي گهرج هئي اهو ارادو ڪري ڳنڌيون ڪپڙن جون پٺيءَ تي رکي آهستي آهستي پنهنجي گهرجي گهٽيءَ مان ڌوٻي گهاٽ ڏي هلڻ لڳو.

پري کان پنهنجي پياري دوست هاٿيءَ کي ايندي ڏنائين هو دل ۾ ڦِڪو ٿيڻ لڳو تہ اڄ تہ وٽس ڪا بہ ڪاڏي جي شيءِ ئي ڪانهي جو هو هن کي کائڻ لاءِ ڏي. هاٿيءَ کي اندازو ٿي ويو تہ اڄ ڌوٻي پريشان آهي، رستو خراب آهي، ڪيس ندي پار ڪري وڃڻو پوندو برسات جي ڪري نديءَ ۾ پاڻيءَ جو چاڙهہ ايترو آهي جو ماڻهو ٻڏي بہ سگهي ٿو. مطلب اهڙي خطري جو سوچي هاٿي سنڌس ويجهو اچي سونڍ سان سلام ڪري گوڏا ٽيڪي هيٺ ويهي رهيو. جڻ چوندو هجي تہ شرفو اڄ منهنجي پٺيءَ تي سوار ٿي ۽ ڪپڙن جي ڳنڍ بہ انهيءَ مٿي رک ڌوٻيءَ جي اکين ۾ پاڻي تري آيو. هُن جنهن کي فقط هڪ بي زبان جانور سمجهيو اهو ڪيترو نہ دل جو حساس ۽ مهربان نڪتو. هُن ساڻس ڪيل نيڪي ڪيئن نہ ياد رکي؟، خوش ٿي هو بہ ٽپ ڏيئي سنڌس پٺيءَ تي ويهي رهيو ۽ ڌوٻي گهاٽ تي پهچي ڪپڙا ڌوئڻ لڳو. بلڪل جڏهن شام ٿي تڏهن ڪيس وڏيڪ عجب ٿيو تہ هاٿي ٻيهر بہ موجود هو. ڌوٻيءَ جي ڌوتل ڪپڙن سان هاٿي جي پٺيءَ تي واپسي بہ سهڻي نموني سان ٿي. اڄ مالڪن ڪيس پئسا بہ هڪدم ڏنا سنڌس گهر ۾ ٻن ڏينهن کانپوءِ چُلهہ ٻري، هو ڏاڍو خوش ٿيو. جيستائين نديءَ ۾ چاڙهہ رهيو ۽ برسات ۽ ٻوڏ جو اثر ختم ڪونہ ٿيو. هاٿي روز ڪيس ڌوٻي گهاٽ تي وٺي ويندو

هو ۽ اڪثر واپس بہ وٺي ايندو هو نہ تہ ڪڏهن ڪڏهن هو ٻيڙيءَ ۾ پڻ اچي ويندو هو. هاٿيءَ جي مهربانيءَ سان شرفو بک مرڻ کان ۽ بيڪار رهڻ کان بچي ويو. هاٿيءَ ۽ ڌوٻيءَ جي مثالي دوستي سڄي شهر ۾ مشهور ٿي وئي. رئيس عبدالغفار بہ پنهنجي هاٿيءَ جي انهيءَ چڱي ڪم تي خوش ٿيو. ڌوٻيءَ جي ڪيل نيڪي ضايع نہ ٿي ڪيس پنهنجي انهيءَ چڱي عمل (هاٿيءَ کي ڪاڏو ڪارائڻ) جو صلو مليو.

□

# خودداري

ٿنهي ٻارن اهو ڪڏهن بہ محسوس ڪونہ ڪيو تہ ڪو هو غريب آهن ۽ سندن خاندان ڪانئن حيثيت ۾ وڏيڪ آهي. عمير ڪجهہ ڪپڙن لٽن ۽ رانديڪن جو شوقين هو باقي سميرا ۽ عذير تہ بلڪل پنهنجيءَ ماءُ راشده تي ويا هئا جڇڻ سندس بلڪل ڪاپي هئا. صابرين، محنتي ۽ همٿ ڀريا، ڪڏهن بہ ڪنهن سان حسد ۽ ساڙ ڪونہ رکيائون نہ ئي ڪنهن جي پئسي جي پرواهہ ڪيائون. راشده هر وقت رب جو شڪرانو ادا ڪندڙ هڪ نيڪ دل عورت هئي. سندس گهر وارو عبدالحيڪم پڻ هڪ خوددار محنتي ۽ هن ڏوڪي شخص رهيو. ننڍي لاڪون پنهنجي ماءُ پيءُ جي خدمت ڪيائين گهر ۾ ڪمائي گهٽ ڏسي پڙهڻ ۾ هوشيار هوندي بہ اڳيان پڙهڻ جو ضد نہ ڪندي، هڪ ڪلارڪ جي حيثيت ۾ پنهنجي ٻائرن ٻينرن ڪي پڙهائي اوج تي آندائين. گهٽي ڪم ۽ پارٽ ٽائيم نوڪريءَ سندس صحت تي خراب اثر وڌو ويتر ماءُ ۽ پيءُ جي وفات ڪانپوءِ هو ملول بہ رهڻ لڳو. راشده بہ پاڙي جي اسڪول ۾ نوڪري شروع ڪئي تہ جيئن هو سڀ وڏيڪ ڪمائي ۽ بچائي ٻين خاندان وارن جي سريڪت ٿين ان ريت سڪون ۽ اطمينان سان سندن پنهنجو گهر بہ ٿهي ويو. عبدالحڪيم کي هڪ دفعي رات جو دل ۾ اوچتو سور پيو. راشده ۽ وڏي پٽ عذير اسپتال جلدي پهچڻ جي جام ڪوشش ڪئي پر ڪو اهڙو جان نيئندڙ دل جو سور هو جو هو جانبر ٿي نہ سگهيو ۽ اسپتال پهچندي ئي دم ڏٽيءَ حوالي ڪيائين.

راشده تي جڻ ڏکن جو جبل ڪري پيو. هڪ رنَ زال ٻيو ٽي ٻار، سفيد پوشيءِ جو ڀرم ڪيئن رکجي؟ ڪمائيءَ جو تہ ڪو سهارو ئي ڪونہ بچيو. ڪيس زماني جي ننڍ وڏائيءَ جو اندازو ضرور هو ڪجهہ موڙي بچائي ان خيال ڪان رکي هئائين، تہ وقت وڏو ظالم آهي. ڪا خبر نٿي پوي. ”ماڻهو ڪڏهن ڀريءَ ۾ آهي تہ ڪڏهن ٻاڪر ۾ وقت تي پنهنجو ئي پئسو ڪم ايندو آهي.

خبر هئس تہ اڪيلائيءَ جو هيءُ رڻ معصوم ٻارن سان گڏ ڪيس ئي جهاڳڻو آهي. ٿورا ڏينهن وياڪل رهندي نيٺ دل ٻڌي فيصلو ڪيائين تہ پاڙي جي پيڻ اسماءُ سان مشورو ڪيان. هنن بچايل پئسن کي ڪجھ ان ريت استعمال ڪريان جو مناسب آمدني هر مهيني پابنديءَ سان پئي اچي. اهو سوچي سندس گهر ويئي. هن سنو آڌر ڀاءُ ڪندي تسلي ڏنس تہ ڀاڻس جو فرنيچر جو دڪان آهي اُتي اها موڙي لڳايون ٿا. انشاءَ الله سنو اُپراسو ٿيندو. ان ريت راشده پنهنجي بچت ڪيل پئسي ۽ عبدالحڪيم جي مليل جي پي فنڊ جي پئسن کي اسماءَ جي ڀاءُ عبدالله جي دڪان ”لاثاني فرنيچر“ ۾ لڳايو. ڪيس معقول آمدني ملڻ لڳي. پاڻ بہ نوڪري ڪندي آئي. پرائيويٽ اسڪول هئڻ جي ڪري سندس پگهار ٿورو هو پر وري بہ ڪجھ نہ ڪجھ مدد ٿي پئي وئي.

راشده جا بہ ڀائر ۽ هڪ ڀيڻ پڻ هئا. جن ڪيس رسمي مدد جي آڇ ڪئي پر هن خودداريءَ سان کين منع ڪئي ۽ پنهنجي سڄي ڳالھ ڪري ٻڌائي هاڻي تہ هو بي فڪر ٿي ويا. سندس ڀاڄاين بہ سک جو ساھ کنيو تہ اسان کي ڪجھ ڏيڻو ڪو نہ پيو.

وقت واريءَ جيان هٿن مان وهندو هلندو ويو. ٻن سالن اندر ڪوِڊ جي وبا منهن ڪڍيو. ملڪن جا ملڪ معاشي بدحاليءَ جو شڪار ٿي، ڪاروبارٺپ ٿي ويا. ماڻهن جون حياتيون اچي ارزان ٿيون. هر پاسي ڪوِڊ جا ڪوڪرا هئا. پاڪستان ۾ بہ ساڳي ڪار ٿي هن عالمي وبا هٽي ماڻهن جا لاھ پٽي ڇڏيا. اسڪول بہ بند ٿي ويا. پرائيويٽ اسڪولن جي مالڪن هڪ بہ مهينا استادن کي پگهارون ڏنيون پوءِ تہ اڌ ڪان ئي گهٽ ٿي اچي ويون.

راشده ملول رهڻ لڳي، ڳڻتن ۾ ڪڏا پوڻ شروع ٿي ويس. ڏينهون ڏينهن فڪر ۾ پوڻي ٿيندي وئي. تان جو لاثاني فرنيچر واري دڪان جي بہ سڄي ڪمائي بند ٿي وئي فرنيچرن جا آرڊر ئي بند ٿيڻ لڳا. ڪيس سمجھ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا ڪري؟ ٿوراڪي پئسا بچيل هئس. انهن مان گهر جو سيڌو وٺڻ لاءِ بازار رواني ٿي پر ڇا

مليو؟ پنج ڪلو اٽو اڌ ڪلو گيهہ ۽ کنڊ ڪلو هڪ هڪ پاءُ داليون ٿورو گرم مصالحو گهر پهچي سميرا کي چيائين تہ اهو سودو ڏيڻ ۾ وجهہ. ڊيٽس ڪيس عجب سان ڏٺو ۽ چيائين تہ، ”امان هي ڇا وٺي آئي آهين؟ هيءُ سودو تہ مشڪل سان هفتو ڪن هلندو“. راشده مٿي تان پڳهر اگهندي برقعي جا بٽڻ کوليندي چيس، ”پٽ اهو تہ رک اڳيان الله مالڪ آهي.“

عذير اچي چيس تہ امان ماما جو فون آهي ۽ اچي ماءُ کي فون هٿ ۾ ڏنائين. موبائيل پٽ کان وٺندي هوءَ ڀاءُ جي محبت ۾ سڄي پريشاني وساري ساڻس سهڻي نموني ڳالهائڻ لڳي. وڏي ڀاءُ خالد چيس ”رمضان شريف شروع ٿيڻ وارو آهي. ڪا پريشاني تہ ڪونهي؟ ٻارن جا ڪپڙا ٺاهرايا آهن؟“ هن اطمينان سان ڀاءُ کي جواب ڏنو ”ادا ڪا بہ پريشاني ڪونهي ڪپڙا بہ انشاءَ الله تيار ٿي ويندا“. ڇڻ ٻيوه راشده، ادي خالد کان وڏيڪ پنهنجو پاڻ کي تسلي ڏني. سامهون سندس ڀاءُ قرب سان چيو ”فڪر نہ ڪج آئون وسيم سان ڪجهہ پئسا موڪليان پيو ۽ تنهنجي ڀاڀيءَ ٻارن جا ڪجهہ استعمال ٿيل ڪپڙا بہ شاپر ۾ رکيا آهن اهي ٻارن جي لاءِ آهن“. هن ڪيس گهٽو ئي چيو تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ٿي ويندو توهين تڪليف نہ ڪريو پر ڀاڻس زور ڀريس هوءَ چپ ٿي وئي، افسوس سان موبائيل ڏي ڏسڻ لڳي، معصوم ٻار خوش ٿي ويا تہ مامي ڪپڙا ۽ عيديءَ جا پئسا موڪليا آهن. انهن کي خوش ڏسي سندس سرير جو سور جهڪو ٿيڻ لڳو ابي امان جي اڱڻ تان ادا جي سار لهڻ تي سامت جو ساهہ کنيائين.

ڪووڊ جي ڪري ٿيل لاڪ ڊائون راشده جهڙن ڪيترن وچولي ۽ غريب پر سفيد پوش خاندانن جي چيلهہ ڀڃي ڪري ڇڏي هئي. مٿان مهانگائيءَ جي هن طوفان کي منهن ڏيڻ اڪيلي سرندس لاءِ ڏاڍو ڏکيو هو. ننڍڙن ٻارن جي خواهشن ۽ مالي تنگدستيءَ جي ڪري راشده اها مدد وٺڻ تي مجبور ٿي نہ تہ سندس غيرت ۽ خودداريءَ وچان هوءَ اهڙو قدم ڪَرَ ڪڏهن بہ ڪونہ پري ها. دل کي تسلي ڏنائين تہ آخر رت جا رشتا آهن. ڪين مون سان محبت آهي تڏهن تہ اها

مدد ڪري رهيا آهن. الله تعاليٰ جڏهن حالتون بهتر ڪندو تڏهن انشاءَ الله اهي ٿورا لاهي ڇڏينديس.

پياءُ جي گهر افطار پارٽي هئي. پيرڻ ۽ ٻارن کي گهرايائين ته اهي افطار به ڪن ته سندس گهر واريءَ جي به راشده مدد ڪري. ڪيس چوڻ لڳو ته، ”مون کي منهنجا ڪپڙا استري ڪري ڏي“ هن خوشدليءَ سان ڪيا. وري ڪيس چيائين ته عذير کي چئو منهنجي گاڏيءَ مان سامان ڪڍي اچي جڏهن ته سندس پٽ صوفا تي موبائيل ۾ راند ڪرڻ ۾ مشغول هو لحاظ ۾ عذير کي اشارو ڪيائين ته وڃي ماما جي گاڏيءَ مان سامان ڪڍي اچي.

ان ريت آهستي آهستي هُن محسوس ڪيو ته خاندان وارا سندس ٿوري مدد ڪري ڪانئس ۽ ٻارن کان مختلف موقعن تي ڪم وٺندا هئا. هڪ ڏينهن ته سندس وڏيءَ پيرڻ چئي ئي ڏنو.

”ڇا ٿيو؟ جيڪڏهن، راشده ۽ سندس ٻار اسان جي ڪنهن موقعي يا مهل تي ڪم ڪن ٿا. آخر اسين به ته سندن مدد ڪندا آهيون. پيرڻ جا اهي لفظ راشده جي دل ۾ تير جيان چُڀي ويا. اهو ئي وقت هو جو هُن انهيءَ نالي ماتر رشتيداريءَ جي طعنن کان بچڻ لاءِ خودداريءَ“ سان پيهر جيئڻ جو فيصلو ڪيو. هن سوچيو ”ڇا ٿيو! جي عالمي وبا جي ڪري مون تي ٿورو ڏکيو وقت آيو آهي. انهيءَ جو حل به مون کي خود ئي ڪڍڻو پوندو. آخر ڀين جي احسانن جي وزن هيٺ سڄي زندگي ڪيئن گذارينديس؟ هن پنهنجي پاڙيسرياڻي اسماءَ ۽ سندس هڪ ٻئي ساهيڙيءَ کي ملائي پنهنجي گهرجي ڇت تي ڇجا لڳائي ”سلائي سينٽر“ کوليو هڪ مشين سندس ڏاج جي هئي ۽ هڪ ٻي قسطن ۾ ورتي وئي. ڪيس سلائيءَ جي مڪمل ڄاڻ هئي، سيبي ٽوپي جي ماهر هئڻ ڪري اسماءِ ۽ حنا کي ڪپڙا ڪٽي ڏيندي هئي ته ڏکيو ڪم انهيءَ ۾ پاڻ به ڪندي هئي. ڪجهه ڇوڪرين کي سلائي سکڻ لاءِ پاڻ وٽ داخلا ڏنائين مختلف بوتيڪن تي به رابطو ڪيائين. ڪووڊ جو زور به ٽٽڻ لڳو جيئن ئي لاڪ ڊائون لٿو ته ڪيس شادين مرادين ۽ عيدن

جا ايترا تہ آرڊر مليا جو هوءَ پاڻ حيران ٿي وئي، راشده گهٽي نفعي جي لالچ نہ رکي هئي، سڄي پاڙي ۾ سندس مشهوري ٿي ويئي تقريبن سڀ گهر ڪيس سلائيءَ تي ڪپڙا ڏيڻ لڳا. همت ۽ محنت سان راشده هڪ سال اندر پنهنجي ڪمزور ۽ گهٽ آمدنيءَ واري گهر کي پيرن تي بيهاريو هاڻي ”لاثاني فرنيچر“ تان بہ ڪيس نفعي جا پئسا ملڻ لڳا ۽ صبح جو اسڪول بہ شروع ٿي ويو تہ شام جو سلائي سينٽر بہ پنهنجي اوج سان هلڻ لڳو هڪ ڏينهن سندس پيڻ جي فون آئي جنهن خير آفيت ڪان پوءِ چيس تہ ”تنهنجي پٽ عذير کي موڪلجانءِ مون عيد تي گهر جا نوان پردا ورتا آهن تہ پراڻا پردا ڪنهن ڪم واريءَ کي ڏيان ان جي بدران توکي ڪم اچي وڃن عذير اهي ڪٽي وڃي.“

راشده هڪ ڊگهو ساهہ کڻي سڪون سان پيڻ کي وراڻيو تہ، ادي مون پاڻ پنهنجي گهر ۾ هن عيد جي لاءِ نوان پردا لڳايا آهن، الله جو شڪر آهي منهنجو ڪم تمام سٺو پيو هلي. ”سميرا سلائي سينٽر“ هاڻي ڪامياب ٿي ويو آهي. توهان کي بہ جيڪڏهن عيد لاءِ ڪپڙا سبرائڻا هجن تہ مون ڏي موڪليو توهان کي مفت سبي ڏيندا سين بنا ڪنهن حجاب جي موڪلي ڏجو.“

پيڻس جا تہ تاڪ لڳي ويا، ”جهيڻي آواز ۾ چيائين ”اڇا!“ ٿوريءَ دير ڪانپوءِ چيائين، ”سٺو شڪر ٿيو الله تعالىٰ هر ڪنهن کي پنهنجي پيرن تي بيهاري“، راشده ٻارن ڏي نهاري وڏي آواز سان چيو ”آمين“ ۽ مُشڪي ٻارن ڏي ڏٺائين جن جي پر اعتماد چهرن تي جڻ سوين رنگين پوپٽ اڏامڻ لڳا هئا.

□

# لنچ باڪس

مس تانيہ بليڪ بورڊ تي مضمون لکڻ ڪانپوءِ ٿڪجي ڪرسيءَ تي ويٺي سندس ڪرسي ۽ ميز جي ويجهو وڏي شيشي جي دري هئي، جنهن مان ٻاهر باغ جو سهڻو نظارو پيو پسبو هو. مس تانيہ کي گلن ۽ پنن سان گڏ موسمي ميون سان سينگاريل هيءُ سائو ساوڪ سان سينگاريل سهڻو باغ ايترو تہ وڻندڙ لڳندو هو جو هوءَ جڏهن ٻارن کي لکڻ لاءِ ڪو وڏيڪ ڪم ڏيندي هئي، تڏهن ڪرسي سيري انهيءَ دريءَ جي ويجهو ويهي قدرت جي هن شاهڪاريءَ کي ڏسي سڪون ۽ خوشي محسوس ڪندي هئي. اهو باغ انهيءَ اسڪول جو نہ پر سامهون گهٽن والن تي پکڙيل هڪ وڏي بنگلي جو حصو هو. جنهن جا مالڪ آسوده حال ۽ گلن، وڻن ٽڻن سان پيار ڪرڻ وارا هئا. هتي گلاب، موتيو چنبيلي ۽ ٻيا انيڪ گل، جن جي رنگن ۽ خوشبوءِ جي بهار تي جهرڪيون، ڪبوتر ۽ ٻيا پکي پيا لاتون لنوندا هئا. توت، انب، ليمان، چيڪو ۽ ٻيا ميويدار وڻ بہ هن باغ جو حصو هئا. پکين جا آکيرا وڻن مٿي هئڻ ڪري هر وقت پکين جو شوروغل بہ هو. مس تانيہ کي اسڪول عمارت جي ماڙيءَ تي پنهنجي هن ڪلاس مان قدرت جي هيءُ شاهڪاري ڏسي ايتري تہ راحت ايندي هئي جو دل ۾ سوچ ايندي هيس تہ ڪڏهن ڪلاس ختم ئي نہ ٿيئي ۽ هوءَ ڪجھ وقت هن سحر انگيز منظر سان لطف اندوز پئي ٿئي. خاص طور جڏهن ڪارا ڪارا ڪڪر صبح جي مهل برسات وسائيندا هئا تڏهن مينهن جي ڦڙن ۾ ڀڄيل اهي وڻ پن ۽ گل ڏاڍا دلپذير لڳندا هئا. مطلب تہ سياري اونهاري يا برسات جي مند ۾ مس کي اهي قدرتي نظارا متاثر ڪندا رهيا.

مضمون لکي ڇڏڻ ڪانپوءِ ٻارن پنهنجون ڪاپيون مانيٽر ڇوڪريءَ کي ڏنيون جنهن مس جي چيڪ ڪرڻ لاءِ سندس ميز تي رکيون هاڻي رسيس ٿيڻ واري هئي، مس سيني ٻارن کي چيو تہ "پنهنجا پنهنجا لنچ باڪس کولي کائڻ شروع ڪيو.ڏهن منٽن ڪانپوءِ هيٺ وڃي ٿوري راند ڪري رسيس ختم ٿيڻ تي قطار

ناهي ڪلاس ۾ اڇجو ڊاڪٽين تي گوڙ نہ ڪجو پرنسپال ناراض ٿيندي“ روزاني وانگر هدايتون ڏيندي تانيہ پنهنجي پرس مان موبائيل ڪڍي ٽائيم ۽ ميسجز چيڪ ڪيا، هن اسڪول ۾ صبح کان موڪل تائين ڪنهن بہ ٽيچر کي موبائيل تي ڳالهائڻ جي اجازت ڪونہ هئي گهر مان ڪنهن ايمرجنسي جي صورت ۾ پرنسپل کي ئي گهر ياتي فون ڪري ڇڏيندا هئا.

ٻہ منٽ موبائيل ڏسي مس تانيہ جيئن ئي اکيون مٿي ڪنيون تہ سندس نظر مرتضيٰ تي وڃي پئي. جو هو فقط پاٽي پي رهيو هو ۽ اهو لقاءُ هن ڪالهہ بہ ڏٺو هو دل ۾ سوچيائين تہ ممڪن آهي ڪيس اڄ ڪجهہ نہ وٽندو هجي اهڙي ريت جڏهن ٽئي ڏينهن بہ مس تانيہ مرتضيٰ کي ڪجهہ بہ کائيندي ڪونہ ڏٺو تہ پوءِ هوءَ فڪر ۾ پئجي وئي، سيني ٻارن جي والدين جا فون نمبرز ٽيچر وٽ موجود هئا تہ جيئن ڪين ڪو بہ مسئلو ٿئي تہ آگاهہ ڪري. هن اسڪول وقت کان پوءِ مرتضيٰ جي ماءُ کي فون ڪري صورتحال کان وقف ڪيو هوءَ حيران ٿي وئي تہ آئون تہ روز ڪيس پسند جو لنچ باڪس بہ ڏيان ٿي ۽ اهو واپس خالي بہ اچي ٿو آخر ڪيڏانهن ٿو وڃي؟

مرتضيٰ جيئن ئي گهر آيو سندس گهڻو پيار ڪندڙ مهربان ۽ سمجهدار ماءُ ڪيس چيو تہ ”ماني تيار آهي، هٿ منهن ڌوئي اچ تہ گڏجي ماني کائون“ مرتضيٰ تہ بلڪل بک ۾ پاهہ پئي ٿيو هڪدم يونيفارم مٽائي هٿ منهن ڌوئي اچي ميز تي ويٺو. ماني کائڻ جي وچ ۾ تہ ماڻس ڪجهہ ڪونہ چيس پر جيئن ئي ڏٺائين تہ هاڻي هن ماني کائي ڇڏي آهي تڏهن ڪيس آرام سان چيائين ”مرتضيٰ اڄ اسڪول مان تنهنجي مِس تانيہ جي فون آئي هئي“ مرتضيٰ حيرانيءَ سان پڇيو ”امي ڇو؟“ دل ئي دل ۾ چوڻ لڳو ”آئون تہ ڪا بہ شرارت ڪونہ ڪندو آهيان ۽ نہ ئي هوم ورڪ ڪرڻ ۾ ڪا بہ ڪمي ڪندو آهيان پوءِ مِس الائي ڇو فون ڪيو آهي؟“ ماءُ ڏي سواليہ نظرن سان ڏسڻ لڳو سندن خاموشي ڏسي ڪيس خوف محسوس ٿيڻ لڳو مٿي تي پگهر اچي ويس، سوچيائين خدا ڪري ڪا غلط ڳالهہ نہ هجي، ائين نہ ٿئي جو منهنجي پياري ماءُ مون سان ناراض ٿئي. هن جي ماءُ ڏانهس غور سان ڏسندي پيار ڀريئي لهجي ۾ چوڻ لڳي، ”پٽ! تنهنجي ٽيچر چيو

آهي تہ مرتضيٰ تمام پيارو ڇوڪرو آهي. روز هوم ورڪ بہ مڪمل هوندو اٿس ۽ ٽيچرز جي بہ مدد ڪندڙ شاگرد آهي پر....؟ ائين ڇئي هن جي ماءُ ڪجھ دير لاءِ ماٺ ٿي وئي. "پر ڇا امي؟ مِس فون ڇو ڪئي؟" هُن جي ماءُ سندس وارن ۾ پيار سان آڱريون ڦيريندي ڇوڙ لڳي. "مس ڇيو ٿي تہ توهين پنهنجو لنچ نٿا ڪريو ٻيا سڀ ٻار رسيس ۾ لنچ ڪائيندا آهن ۽ مرتضيٰ خاموش ويٺو هوندو آهي, ان ريت تہ هن جي صحت خراب ٿي پوندي. ڪيس تنهنجي صحت جي اون ٿي پيئي آهي" ماءُ هڪ ڊگهو ساھ کڻي ڪيس ڇيو. لنچ تہ توهان ڪي آئون روز ڏيندي آهيان پر پوءِ آخر ڪهڙي وجھ آهي جو توهان لنچ نٿا ڪريو ۽ واپسيءَ ۾ باڪس ۾ لنچ بہ ڪو نہ هوندو آهي. اهو ڇا آهي؟" مرتضيٰ اکيون هيٺ ڪري ڇڏيون ۽ سندس اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو آهستي سان ڇيائين "اهو آئون توهان کي نٿو ٻڌائي سگهان امي" سمجھدار ماءُ ڪو بہ بحث ڪو نہ ڪيو. ٻئي ڏينهن جيئن ئي مرتضيٰ اسڪول لاءِ تيار ٿيو هن لنچ باڪس ٺاهي ميز تي رکيو ۽ مرتضيٰ ڇپ ڇاپ ٿيلهي ۾ وجهي اڳيان روانو ٿيو. سندس امڙ آهستي آهستي هن جي پويان هلڻ لڳي, جنهن جي ڪيس خبر نہ پئي. ٿورو اڳيان هلي ماءُ ڏٺو تہ مرتضيٰ وڻ هيٺ ويٺل نابين فقير کي پنهنجو لنچ ڪارايو ۽ خالي باڪس ٿيلهي ۾ وجهي اسڪول روانو ٿيو. سندس ماءُ انهن ئي پيرن تي واپس گهر اچي شڪراني جا نفل پڙهيا ڪيس خوشي ٿي تہ ٿورا ڏينهن اڳ هن پنهنجي پٽ کي حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي سيرت مبارڪ جو ڪتاب آڻي ڏنو هو. سيرت جي انهيءَ ڪتاب جو اثر هن ٻار تي تمام زبردست ٿيو. ڪتاب ۾ خلق جي خدمت جا ۽ سخاوت جا ڪيترائي واقعا درج هئا. ڪيس گهڻي راحت آئي تہ سندس نيڪ ٻچڙو لڪي خلق جي خدمت سخاوت سان ڪري دين مطابق هلي رهيو آهي. ٻئي ڏينهن مرتضيٰ اسڪول وڃڻ مهل ميز تي بہ لنچ باڪس ڏٺا. پڇڻ تي امڙ ورندي ڏنس تہ. "هڪ توهان لاءِ ۽ هڪ فقير بابا جي لاءِ". ماءُ جي اها ڳالھ ٻڌي مرتضيٰ کِلي ڪانئس موڪلايو ۽ وڏيون وڏيون وِکون ڀريندو ڊوڙندو ٽپندو اسڪول ڏي روانو ٿيو.

□

# نيڪي

سهيل ۽ سيفل هڪ ئي پاڙي ۾ رهندڙ هڪ ئي اسڪول ۾ پڙهندڙ پر سندن جي وچ ۾ ڪا خاص دوستي ڪا نہ هئي، باقي پاڙيسري ۽ ڪلاس فيلو ضرور هئا. تعليم ۾ ٻنهي جي سٺي دلچسپي هئڻ ڪري ڪلاس ۾ پهريون، ٻيون يا ٽيون نمبر کڻندڙ هئا، سيفل کي هڪ سٺي عادت هئي جو هو اخلاق ۾ بہ تمام سٺو ۽ سيني کي ڪم ايندڙ هو. انهيءَ ڪري سندس دوست بہ گهڻا تہ استاد بہ کيس وڌيڪ پيائيندا هئا. سهيل ۾ فقط اها ڪمزوري هئي جو هو مزاج ۾ رُکو، ڪنهن کي ڪم نہ ايندڙ ۽ طبيعت ۾ ڪارو هو. معمولي ڳالهہ ۾ بہ ٺهہ پهہ جواب ڏئي ڇڏيندو هو.

ساليانی امتحانن ۾ سائين ڪريم سيني ٻارن کي چيو تہ، "بابا، محنت سان پڙهو، ياد ڪريو، امتحان مهل پنهنجو جاميٽري باڪس چيڪ ڪري اڇجو پنهنجون پينون، پينسلون ربڙ هر شيءِ تيار ڪري اچجو وقت مختصر ٿو هجي ان ڪري ٻئي جي مدد ڪرڻ هر شاگرد لاءِ مشڪل آهي تہ بہ پاڻ ۾ محبت سان رهجو، ڪنهن جو بہ نقل نہ ڪجو، ان طرح جون سائينءَ ٻيون پڻ ڪافي سمجهاڻيون ڏنيون جي ٻارن ڌيان سان ٻڌيون.

هي سڀ ڇهين درجي جا ٻار هئا، سندن اسڪول جو وڏو نالو هو اسڪول جي عمارت خوبصورت، استاد محنتي ۽ شاگردن کي اولاد جيان پيار ڪرڻ وارا تہ ٻيو عملو بہ تعاون ڪندڙ هو جڏهن بہ مٿيان آفيسر ايندا هئا تڏهن هن اسڪول جي ڪارڪردگيءَ کي پسند ڪري سهڻا ريمارڪ لکي ويندا هئا. عام طور توڙي امتحانن ۾ اسڪول ۾ نظم و ضبط شاندار رهندو هو.

پهرين ئي پيپر ۾ اتفاق سان سيفل جي پين ۾ مس کٽي وئي سڄي تياري مڪمل ڪئي هئائين پر رات جو ڏاڍيءَ جي گهڻي بخار جي ڪري گهر ۾ ٽيندڙ

پريشانيءَ سبب هو پين ۾ مس پرڻ يا ٻي وڏيڪ پين ڪٽڻ وسري ويو. پنهنجي پويان ويٺل سهيل کي چيائين تہ، ”يار تو وٽ جيڪڏهن مس هجي تہ مون کي ڏئي“. سهيل کيس نپ جواب ڏنو. اڳتي بئنچ تي ويٺل ڪامران پويان سُس ڦُس ٻڌي ۽ سيفل جي مايوس منهن مان ڳالهہ سمجهي هڪدم اشاري سان کين پاڻ ڏي متوجهہ ڪري واڌو پين ڏنائين. سيفل جي منهن تي مرُڪ اچي وئي، کيس اندازو ٿيو واقعي ٻڌيءَ ۾ برڪت آهي. هُن جي نيت هميشہ سيني لاءِ سٺي رهندي هئي، تنهن ڪري مراد بہ مليس. ويرم ئي ڪونہ گذري پيپر تہ پورو ٿي ويو پر سيفل ۽ ڪامران کي سنگت جي سڄي ۾ پوئي هڪ ڪري ويو. اتفاق سان آخري پيپر ۾ سهيل جو منهن جو پنو لهڻ شروع ٿي ويو. هڪڙو پيپر ڏکيو ٻيو هُو جاميٽري باڪس گهر ۾ نيرن ڪندي ٽيبل تي ڇڏي آيو. کيس خبر هئي تہ ت هاڻي تہ ٻين کان پوري مدد ملڻ تمام مشڪل آهي. سيفل پيپر کي پڙهندي جان جو پٽ ورائي ڏسي تہ سهيل جي اکين ۾ ڳوڙها ڏنائين سرباتن ۾ پڇيائين تہ ”ڇا ٿيو؟“ هن حقيقت آهستي سان ٻن جملن ۾ ٻڌايس. تيستائين استاد صاحب هڪل ڪئي ”ڪير نہ ڳالهائي نہ تہ ڪلاس مان ڪڍي ڇڏيندو مانس“. سيفل پنهنجي واڌو پين، پينسل، فٽ پٽي، ربڙ ۽ شاپنر آهستگيءَ سان پويان مڙي سهيل جي هٿ ۾ رکيا. سهيل کي ايئن لڳو ڄڻ ڪنهن مٿس عطر جي اوت ڪري ڇڏي هجي، سندس بت ۾ شروع ٿيل رڪڻي بيهي رهي، هٿ جي ترڻيءَ سان ڪرندڙ لڙڪن کي اگهي هڪدم پيپر ڪرڻ شروع ٿي ويو. وچ ۾ گهڙي گهڙي سيفل ڏي شڪر گذاريءَ سان پئي ڏنائين. اڄ کيس معلوم ٿيو تہ هو پنهنجي بخيلائيءَ جي ڪري ٻين کان ڪيترو نہ ڪٽيل هو. ساڳئي ڪلاس ۾ هوندي سندس ڪو بہ دوست ڪونہ هو. کيس استاد ڪريم جا چيل لفظ سورنهن آنا سچ لڳي رهيا هئا تہ ”اڪيلو تہ وڻ بہ بڇڙو آهي. اڪيلو نہ روئندي سونهي ۽ نہ ئي کلندي.“ بہ تہ گڏجي ٻارهن ٽين ٽا. ڪنهن جي ڪم اچبو هٿ سچ ڪبي تہ اها وڃائي ڪونہ ڏيندي. الله تعاليٰ بہ انهيءَ کي پسند ڪري ٿو جي اوکي ويل سندس ٻانهن جي

مدد ڪن ٿا. هن ڏيان سان پيپر پورو ڪري ڪلاس مان نڪرڻ کان پوءِ سيفل کي پاڪر پائي پوين روپي جي معافي گهري ۽ سندس مهرباني مڃي. سيفل کي چيائين تہ، ”ايندڙ سومر تي منهنجي سالگرهہ آهي. تون ضرور اچجانءِ“ سيفل هائوڪار ڪئي.

گهر پهچي سيفل پنهنجي اجوڪي پيپر جي باري ۾ وڏي ڀاءُ احمد کي ٻڌائيندي هي واقعو بہ شروع کان ٻڌايو. ادا احمد خوش ٿيو ۽ کيس چيائين ”تو عظيم نيڪي ڪئي آهي جڏهن تہ سهيل ۽ تنهنجوڪلاس جو رزلٽ ۾ نمبر تي مقابلو بہ آهي پر انهيءَ کي ناپاس ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ هڪ وڏو قدم کنيو اٿئي. اها عظيم نيڪي آهي جنهن جو واس ڪڏهن بہ جهڪو ڪو نہ ٿيندو. اهو ڪٿوريءَ (خوشبو) جيان پکڙجندو ويندو آهي. دوست جي سالگرهہ لاءِ آئون توکي شاندار تحفو وٺي ڏيندس. ڏسج اڳيان هلي تنهنجو سٺو دوست ٿي ويندو. هو هوشيار ٻار آهي. منجهس جيڪي بہ ٿي هلڪيون ڦلڪيون خاميون آهن اهي بہ ختم ٿي وينديون.

آچر ڏينهن ادا احمد سيفل کي سرپرائيز ڏنو. هو صبح جو ئي سندس دوست لاءِ جو تحفو وٺي آيو. جو هڪ رنگين گلوب، سيفل هيڊماستر جي آفيس ۾ هڪ دفعو گلوب ميز تي ڏٺو ضرور هو پر هن کي اها خبر ڪا نہ هئي تہ انهيءَ جو استعمال ڇا آهي؟ ۽ انهيءَ مان ڪيتري معلومات ملي سگهي ٿي. خوش ٿي هڪدم ادا کي چيائين، ”ادا هيءُ تہ تمام ڪارائتو تحفو آهي. سهيل تہ منهنجو هاڻي پڪو دوست ٿي ويندو مون کي بہ سمجهايو تہ انهيءَ ۾ ڪو شهر يا ملڪ ڳولهڻو هجي تہ ڪيئن ڳولهيان؟“

احمد وراڻيس، ”ڏس! اهو تہ توهان ٻڌو هوندو تہ دنيا گول آهي تہ گلوب زمين جي گول ۽ حقيقي شڪل ظاهر ڪري ٿو. ڪاغذ جي نقشي جي بدران گلوب زمين جي شڪل کي وڌيڪ چڱيءَ طرح بيان ڪندو آهي. هن کي ڏسڻ لاءِ ڪا حد مقرر ڪونهي، تقريبن گلوب گهڻو نيري رنگ جو آهي. جو دنيا ۾ 77

سيڪڙو پاڻي آهي. نيرو رنگ پاڻيءَ جي شڪل ۾ جزيرن، دريائن، نهرن ۽ سمندن جي باري ۾ ٻڌائي ٿو ۽ دنيا جا سڀ ملڪ مختلف رنگن سان بيان ڪيل آهن.

”پوءِ آئون هن ۾ پاڪستان کي ڳولهيان؟“ سيفل شوق سان پڇيو ”هُن ادا وانگر مهارت سان گهمائيندي پاڪستان، ايران، افغانستان ۽ هندستان ليي ورتا. هن نئين ۽ وڻندڙ شيءِ کي ڏسي هو گهڻو خوش ٿيو ۽ ادا سان گڏجي انهيءَ کي سهڻي باڪس ۾ پيڪ ڪري مطمئن ٿي ويو ته شام جو سهيل جي سالگرهه جي مليل تحفن ۾ سندس ڏنل تحفو سڀني کان گوءِ کڻي ويندو.

□

# زيتون جو وڻ

قاضي آباد جي ويجھو هڪ ننڍو محل، ڪنهن وقت ۾ آباد هو هتي جا رهاڪو آسودا ۽ مهربان طبيعت جا هئا، محل ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن جو گھڻو خيال رکندڙ ۽ پنهنجي ٻنين ۽ باغن ۾ ڪم ڪندڙ هارين ۽ مالهين کي عزت ڏيندڙ هئا. وڻن وڏائيءَ ۽ غرور جو نالو نشان به نه هو. سندن اهائي سوچ هئي ته ڏٽي خبر ناهي ڇا ۾ راضي آهي. ڏيئي به آزمائي ٿو ته نه ڏيئي به. ڪنهن جي به رنجش کٽڻ وڻن وڏو گناهہ هو ڪين ڏپ ٿيندو هو ته ڪو وقت ڪھڙو ته ڪو وقت ڪھڙو آهي، متان ڪو تتي هيئين جو پاراتو سندن جُهڳو جهڻ نه ڪري. الله پاڪ به سندن نيڪين کي وڌائيندو ويو ۽ اها نيڪين جي خوشبو چوڌاري ڳوٺن ۾ پکڙجي وئي. رئيس قمرالدين وٽ ضرورتمندن جا ميڙا لڳا پيا هوندا هئا. رئيس جو ڪل اولاد به پٽ، جي ولايت (لنڊن) پڙهڻ لاءِ ويل هئا. محل ۾ هو پاڻ ۽ سندس گهر واري ۽ وفادار نوڪر رهندا هئا. سپوٽ پٽن کي ڏٽيءَ سڳوري ولايت ۾ به ايترو نوازيو جو هو پاڻ حيران هئا، فيصلو ڪيائون ته ماءُ ۽ پيءُ سان گڏ به وفادار نوڪر ۽ نوڪرياڻي به لنڊن ۾ گهرايون. ان ريت سڄو ڪٽنب وڃي ولايت ۾ آباد ٿيو. محلات کي ويرانيءَ کان بچائڻ لاءِ به ٽي ملازم رکي ڇڏيائون جن ۾ هڪ مالهي حنيف پڻ هو.

حنيف مالهيءَ هن باغ کي پنهنجو رت ۽ ست ڏيئي تيار ڪيو. ڪانئس اڳ سندس والد ۽ ان کان اڳ ڏاڏي هن باغ جي خدمت ڪئي هئي. ايترو ته خوبصورت باغ هو جنهن جهڙو سهڻو باغ هن تَرَ ۾ ڪو ٻيو نه هو. بابو حنيف به وڏي عمر جو ٿي ويو هو ته به صبح کان شام تائين سڄي باغ جي سيوا دل سان ڪندو هو سڪل پن ۽ سڙيل ميوا ڪٽي الڳ ڪرڻ ته ننڍن ٻوٽن کي پاڻ ۽ پاڻي ڏيڻ جو ڏيان ڪندي وڏن وڻن طرف به غفلت نه ڪندو هو. انب، زيتون، چيڪو ڦاروا ۽ ٻيا ڪيترائي هن باغ جي سونهن ۽ سوڀيا ۾ واڌارو ڪندڙ هئا.

سڄي ڳوٺ ۾ بہ ڇوڪرا ۽ سعد تمام شرارتي ۽ ڏنگا، اڪثر سندس باغ ۾ اچي ڪيڏندا هئا، گلن ۽ پنن کي ٽوڙي ڦٽائي وڻن تي چڙهي ميوا پٽي ڪچرو ڪري پوءِ ويندا هليا هئا. مالهي حنيف کين بہ ٽي دفعا باغ مان نڪرندي ڏٺو بہ ۽ کين دڙڪا بہ ڏنا پر مٿن ڪو بہ اثر ڪو نہ ٿيو هو گهڻو ڪري تڏهن ايندا هئا، جڏهن مالهي حنيف موجود ڪو نہ هوندو هو.

مالڪن جي غير موجودگيءَ جي هوندي بہ مالهي هن باغ کي پنهنجي مڪمل توجهہ ڏيندو هو تہ جيئن اهي جڏهن بہ اچن تہ خوش ٿين ۽ کيس خود کي بہ باغ جي هر هڪ گل، پن، وڻ ۽ ميوي سان محبت هئي، هن کي لڳندو هو تہ جڻ اهي وڻ پن زندهہ آهن ۽ هو انهن جي خدمت ڪري ٿو تہ کيس دُعائون ڏيئي مهرباني مڃين ٿا. مالهيءَ جو هڪ ننڍو گهر باغ جي ڪنڊ ۾ هو جنهن جي دريءَ مان پڻ سندس نظر باغ جي چوڪسيءَ تي هئي، هڪ ڏينهن سخت سيءُ هو، جڻ پارو ڪري رهيو هو، افضل ۽ سعد کي شوق ٿيو تہ هلي باغ مان زيتون پٽي اچون، سو ٻئي جيڪٽون پائي باغ ڏي روانا ٿيا. زيتون جا بہ وڏا وڻ، جن جي هيٺ ننڍا زيتون جا ٻوٽا بہ ڪافي پيل هئا، جيڪي مالهيءَ انهيءَ لاءِ رکيا تہ ٻيا زيتون جا وڻ پڻ پوکيان. هنن ڪو خيال ڪو نہ ڪيو. انهن ٻوٽن کي تہ چيپلي چڙيو پر ٽپ ڏئي وڻ کي پٽر هٽڻ لڳا تہ بہ ايترا زيتون ڪو نہ ڪريا. سعد، افضل جي پٺيءَ تي چڙهي وڻ جي ٽارين کي ڇڪون ڏنيون تان جو هڪ مضبوط ٽاري سندس هٿ ۾ اچي وئي. ونئي جوان کي ڏوٽيائين تہ اها وڻ کان جدا ٿي زمين تي ڪري پئي، هاٽي تہ هو ٻئي تمام خوش ٿيا. انهيءَ ٽاريءَ ۾ ڪافي زيتون لڳل هئا، هنن بہ نڪا ڪئي هم نڪا تم هڪدم انهيءَ ٽاريءَ مان زيتون الڳ ڪري پنهنجي جيڪٽن جا کيسا ڀرڻ شروع ڪيا. حنيف بابي پنهنجي ڪمري جي دريءَ مان جو هيءُ لقاءُ ڏٺو سو وڏي ڪٽي ويڙهي رڙيون ڪندو ڪونيءَ مان نڪري آيو پر تيستائين هيءُ جوان ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

مالهي حنيف کي ڏک ٿيو هو ڪمزور ۽ عمر جو وڏو ٿي چڪو هو کين پهچي ڪو نہ سگهيو. سوچيائين تہ سندن والدين کي هاڻي شڪايت ڏيڻ گهرجي، پروري بہ صبر ڪيائين تہ من خودئي کين احساس ٿيئي. وسڪاري جي مند اچڻ سان ئي هيل گهڻو مينهن پيو مالهي پنهنجي ڪم ۾ مگن هو مينهن جي ڦڙن ۾ وهنجيل باغ ڏاڍو سهڻو منظر پيش پئي ڪيو. حنيف جي ڏسي دل پيئي ٺري پر جيئن چوندا آهن تہ پاڻي زندگي آهي تيئن اهو بہ ڪڙو سچ آهي تہ گهڻو مينهن پوڻ نعمت جي بدران زحمت آهي، سوهيل ايترا مينهن پيا جو برسات بند ٿيڻ جو نالو نشان ئي نہ هجي، لاڳيتو ويهہ ڏينهن برسات پوندي رهي.

هن ڳوٺ جي ويجهو هڪ ندي هئي جنهن جي پاڻيءَ هميشہ ڳوٺ واسين کي سيراب ڪيو هو پر اج اها ندي چاڙهہ ۾ اچي رهي هئي. ڳوٺاڻا گڏجي نديءَ جا بند مضبوط ڪرڻ لڳا. پوري ملڪ ۾ پيل لاڳيتن برساتن وڏي تباهي مچائي. مٿان ڪان پاڻي نديءَ ۾ چوڙ ٿيندو رهيو ۽ آخر ۾ گهٽي پاڻيءَ سبب نديءَ اٿل ڪاڏي ۽ بند ڀڃي پيا. ڳوٺ ٻڏڻ تي اچي ويو سيني کي محفوظ هنڌ حنيف مالهيءَ جو باغ لڳو جتي انيڪ وڻ هئا. ڪيترائي ماڻهو پنهنجي گهر جي ڇتين تي تہ ڪي باغ ۾ وڻن تي اچي ويٺا، افضل ۽ سعد بہ باغ ۾ آيا، مالهيءَ ڏي نهاري ڦِڪا ٿيا پر هُن کين دل سان وڻن جي چوٽيءَ تي پڄايو. خود حنيف بہ هڪ ليمي جي وڻ تي چڙهي ويهي رهيو. ان ريت سيني جي رات خوف ۽ صدمي سان گذري، صبح ٿي تہ ماڻهن اچي اطلاع ڏنو تہ هاڻي نديءَ جو چاڙهہ گهٽجي رهيو آهي، اچو اچي گهرن مان پاڻي ڪڍو.

حنيف بابا ان مهل سيني جي منهن تي افضل ۽ سعد کي وچڻ مهل شرمايو ۽ کين سمجهايو تہ آئون سياڻي مري ويندس ۽ هر هڪ کي هن دنيا مان وڃڻو آهي، توهين جوان ٻار آهيو هيءُ وڻ ۽ باغ توهان وٽ امانت آهن. انهن کي خراب نہ ڪريو، اڄ ڏسو هنن وڻن توهان جي حياتي بچائي آهي.

حنيف مالهيءَ جي نصيحت سندن دل ۾ ڪپي ويئي چوطرف نظر ڊوڙايائون تہ ڪين هيءُ پلو باغ ايترو تہ وڻندڙ ۽ محسن لڳو جو سمجهيائون ڄڻ جنت ۾ آيا آهيون. ٻنهي گڏجي چيو تہ ” توهان صحيح ٿا چئو تہ وڻ ۽ ٻوٽا خدا جي طرفان نعمت آهن وڻ هوائن جي زور کي گهٽ ڪري آنڌي ۽ طوفان کي بہ روڪين ٿا. اسان کي ميوو ڏين ٿا تہ ساهہ کڻڻ لاءِ آڪسيجن بہ مهيا ڪن ٿا ۽ اڄ تہ اسان جي حياتي فقط هنن وڻن جي ڪري ئي بچي آهي، اسين بلڪل غلطيءَ تي هئاسين. هاڻي انشاءَالله هن باغ کي سنوارڻ ۽ وڌائڻ ۾ توهان جي مدد ڪنداسين“ ڳوٺ جي ٻين ماڻهن تي بہ انهيءَ ڳالهہ جو سٺو اثر ٿيو ٻين بہ ڪيترن جوانن چيو تہ اسين بہ هن ڪم ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي پنهنجي قاضي آباد کي خوبصورت، وڻندڙ ۽ مضبوط ٺاهينداسين. انشاءَالله اڳيان هلي هن باغ جهڙا ٻيا باغ بہ قاضي آباد جي زينت هوندا ۽ ڳوٺ ۾ ڪيترائي نوان وڻ بہ نظر ايندا.

□

# هيڊ ماستر

فضل الاهيءَ کي نوڪريءَ تان جواب مليو. اڄ هو وري بيروزگار ٿي ويو. ڪيس اهو وقت ياد اچي ويو جڏهن پهرين بہ هڪ دفعو هن جو روزگار ختم ٿيو هو. اهو ڏکيو وقت سوچي سندس اکيون آليون ٿي ويون، ڇا هاڻي هو وري فاقن ڪٽڻ تي اچي ويندو؟ ڇا هو پنهنجي ٻارن جي پيٽ قوت لاءِ ڪنهن کان پنندو جيئڻ ٿي سوچيائين تيئن تيئن وهلور ٿيندو ويو. گهر ڪيئن وڃي؟ سندس پيرن هلڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو. گهر وڃڻ جي بدران هو ڳوٺ ۾ موجود هڪ نديءَ جي ڪناري وٽ ويهي رهيو. نيٺ شام ٿي ڪو بہ حل نہ ڏسي مجبور گهر ڏي هلڻ لڳو. اڄ کان چار سال اڳ ڳوٺ جي هڪ اسڪول ۾ پنهنجي مهربان دوست جي معرفت ڪيس پٽيوالي ملي هئي، هيءَ هن جي پهرين نوڪري هئي، انهيءَ کان اڳ هو جتيون ٺاهيندو هو. جنهن ۾ ڪيس وڏي مهارت هئي، چمڙي کي صاف ڪرڻ، رنگڻ، ڪٽڻ ۽ سبڻ ڪانپوءِ سنيون جتيون ٺاهي شهر ۾ وڪڻي ايندو هو. هن ڪم ۾ سندس گهر واري بہ مدد ڪندي هئي. ان ريت سندس گهر جو گاڏو هلندو رهيو. فضل الاهيءَ جا بہ پٽ فيصل الاهي ۽ امتياز الاهي ۽ هڪ نياڻي فريده هئا، جن کي هن اسڪول ۾ داخل ڪرايو گڏ هو مسجد ۾ قرآن پاڪ پڙهڻ پڻ ويندا هئا. نياڻيءَ کي قرآن پاڪ پورو ڪرڻ ڪانپوءِ گهر ويهاري ڇڏيائين، چار درجا مس پڙهي سگهي، باقي سو ڇوڪرا اسڪول ويندا هئا. ڪيس ٻين چيو تہ نياڻيءَ جي پڙهائي جاري رکائي پر نہ سندس مالي حالت مضبوط هئي ۽ نہ ئي هن تي نون خيالن اثر ڪيو. سندس موجب تہ فريده پيلي چار درجا پڙهي پوءِ گهر ۾ ماءُ جو ڪم ۾ هٿ ونڊائي جو جوٽس وري ساٽس جتيون ٺهرائڻ ۾ بہ مدد ڪندي هئي.

وقت گذرڻ سان فضل الاهيءَ کي هٿن ۾ ڪمزوري اچڻ لڳي هو جتيون جيڪي محنت سان هٿ جي خوبصورت سلائيءَ سان ٺاهيندو هو انهن جو قدر بہ گهٽ ٿيڻ لڳو ڪارخانن جي جتين جي بازار ۾ اچڻ ڪان پوءِ اهو ٿيڻ لڳو جو سندس ٺاهيل جتين جي کپت گهٽجي وئي، ڳوٺن مان ماڻهو شهر بہ گهڻو ويندا هئا تہ شهرن جا ماڻهو بہ ڳوٺن مان پاڇيون کير، گيهہ ۽ ٻيو وگر سودڻ لڳا جيڪو ڳوٺن مان گهٽ اگهہ تي ملندو هو. سندن ڳوٺ ۾ شهر جي وچ ۾ ننڍا ڳوٺ پڻ ڪيترائي آباد ٿي ويا. هاڻي جڻ تہ ڳوٺن ۾ شهر جي وچ ۾ پڪن روڊن ڪانپوءِ ڪو سنڌو سيڙو نہ بچيو هو هن سمجهي ورتو تہ ان ريت وڏيءَ محنت سان بہ هو گهڻيون جتيون نٿو ٺاهي سگهي ۽ ڪيس اجورو بہ ٿورو ٿو ملي، بهتر آهي تہ ڪو ٻيو ڪم ڪرڻ شروع ڪري. گهڻو بيمار ٿي جيئن ئي گهر ۾ ويٺو تہ هيڪاري ڪيس صدمي ۽ڪمزوريءَ جي ڪري مٿي ۾ پڻ سور رهڻ لڳو. ان ريت هو دوست معرفت اسڪول ۾ پٽيوالو ٿي لڳو. اسڪول ۾ ڪو خاص ڪم ڪونہ هو. بس جنهن مهل پيريڊ ختم ٿيئي هن کي گهنڊ وڄائڻو هو ۽ صبح جو اسيمبليءَ مهل، رسيس ۾ ۽ موڪل مهل گهنڊ کي زور زور سان وڄائيندو هو باقي ڪي ڪاغذ ڪلارڪ وٽان هيڊماستر جي آفيس يا اسٽاف روم ۾پهچائڻ۽ موڪل مهل ڪمرن کي بند ڪرڻ سندس ذمي هو. هيءَ آرامده نوڪري هئي ڳوٺ جي اسڪول ۾ گهڻا ٻار بہ ڪو نہ هئا. سندس ٻئي ڇوڪرا بہ هن اسڪول ۾ پڙهندا رهيا. هيڊماستر سندن في پڻ معاف ڪري ڇڏي. باقي شام جو هيڊماستر عبدالرحمان جي گهر جو سودو سلف پاڇي پُٽي آڻڻ سندس ذمہ داري هئي، انهيءَ ۾ ڪا تڪليف ڪا نہ هئي. وڏي ماستر عبدالرحمان جي گهر واري "جيجي". مزاج جي تيز هئي، سندس طبيعت ۾ هڪ وڏو نقص هو جو نوڪرن سان رکو ۽ ڪاوڙ سان ڳالهائڻ سان گڏ سندن ڪم مان خامي ڪڍندي رهندي هئي.

انهيءَ ڪري فضل الاهي جڏهن بہ سائينءَ عبدالرحمان جي گهران واپس ايندو هو تڏهن طبيعت نڍال هوندي هيس. گهر اچي هنڌ پيڙو ٿيڻ ڪانپوءِ ڪيس ماني بہ ڪو نہ وڻندي هئي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ انهيءَ سوچ ۾ هوندو هو تہ جيجي مون تي اعتبار نٿي ڪري. هر شيءِ مان نقص ٿي ڪڍي هر سودو چوي ٿي مهانگو بہ آهي ۽ سنو بہ ڪونهي هاڻي آئون ڇا ڪريان؟ هو جيجيءَ جون ڳالهيون پنهنجي گهر واريءَ کي بہ ٻڌائيندو هو جا بہ جيجيءَ ۽ هيڊماستر تي ڪاوڙ ڪندي پٽ پاراتو ڏيڻ لڳي پر فضل کي اها ڳالهہ پسند ڪونہ هئي. فطرتن نيڪ ماڻهو هو ڪيس چوڻ لڳو تہ "صاحب سنو آهي، تون ڪيس بددعائون نہ ڏي" تڏهن هڪ ڏينهن زال چيس، "چو نٿو فريده کي پڙهائين هوءَ جاهل رهجي وئي، تہ ڪٿي هن جيجيءَ وانگر نہ ٿي وڃي". فضل الاهيءَ جي منهن مان هڪدم نڪتو. "الله نہ ڪري جو منهنجي نياڻي جيجيءَ جهڙي ٿيئي"

هڪ ڏينهن عادت مطابق جيجيءَ سندس آندل سودي کي نہ فقط زور سان اُڇليو پر ڪيس بہ گاريون ڏنيون. اتفاق سان انهيءَ وقت سائين عبدالرحمان اُتان گذريو. هن سڄي ڳالهہ ٻڌي زال کي دڙڪا ڏنا "تون ڇو هن غريب پٽيوالي جي پويان پئي آهين هڪڙو تنهنجا ڪم ڪري ٻيو وري دڙڪا بہ کائي" جيجيءَ ڏنو تہ هاڻي ڏوهاري تي ٿيان سو وني ڪوڙ سچ ڪري مرچ مصالحا ملائي فضل الاهيءَ بابت ڪوڙا قصا ۽ ڳالهيون بيان ڪيائين جو سمجهدار هيڊماستر جو بہ من ڦري ويو. ٻئي ڏينهن آفيس ۾ گهرائي ڪيس چيائين تہ "مون تہ توکي اعتبار جوڳو سمجهيو هو پر تون ايماندار ڪونہ آهين. ان ڪري اڄ ڪلارڪ کان پنهنجو حساب ڪتاب ڪٽي وڃ هاڻي هتي نوڪريءَ تي اچڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪانهي."

فضل الاهيءَ گهر اچي پنهنجي سڄي پريشاني زال وٽ ظاهر ڪئي، هن هڪ وفادار ۽ باهمت عورت وانگر پنهنجي فڪر کي لڪائي مڙس کي همت ۽ حوصلو ڏنو. ان ريت هن ٻئي ڏينهن کان چٽڻ جو ڳاڙو لڳائڻ شروع ڪيو. سنڌس گهر واري محنت سان ڪيس سنا چٽا ناهي ڏيندي هئي، هو صبح کان شام تائين چڱا پئسا ڪمائي وٺندو هو.

ٻن مهينن ڪانپوءِ فيصل ۽ امتياز اچي ڪيس چيو تہ وڏي ماستر صاحب جا ڏھ هزار چوري ٿي ويا آهن، ڪين اهي پئسا شهر جي آفيس ۾ امتحان جي فيس جا جمع ڪرائڻا هئا پر اڄ جڏهن هن اسڪول جي الماڙي کولي تہ ان ۾ اهي پئسا موجود ڪونہ هئا. هاڻي عبدالرحمان صاحب تمام گهڻو فڪرمند آهي، جيڪڏهن هُن اهي پئسا آفيس ۾ نہ جمع ڪرايا تہ ڪيس نوڪريءَ تان ئي هٿ ڌوئڻا پوندا. فيصل اهو سڀ ڪجهہ ٻڌائيندو رهيو ۽ فضل الاهي سوچن ۾ ٻڏي ويو. هن کي اڄ هيڊماستر جون ڪيل مهربانيون ياد اچڻ لڳيون، ڪيس خبر هئي تہ هو هڪ شريف ماڻهو آهي، اهو بہ سمجهيائين پئي تہ جيجي هڪ هٿ ڦاڙ ۽ بي سمجهہ عورت، وٽس ايترو پئسو ڪو نہ هوندو صاحب جو آفيس ۾ پهچائي پنهنجي نوڪري بچائي سگهي. هڪدم فضل اٿي ڪمري ۾ موجود وڏي پيتيءَ وٽ پهتو جتي هن فريده جي ڏاج لاءِ ڪجهہ زيور ناهي رکيا هئا، اهي زيور هڪ ننڍي ٿيلهيءَ ۾ وجهي سڌو سوناري جي دڪان تي ويو. جتي انهن کي ٻارنهن هزارن ۾ وڪڻي انهن پئسن مان ڏھ هزار هڪ لفافي ۾ وجهي اسڪول پهتو. اسڪول ۾ تہ گهڻو گوڙ ڏسڻ ۾ پئي آيو. هر طرف استادن ۽ ٻئي عملي جي وچ ۾ چوٻول لڳا پيا هئا. هو سڌو هيڊماستر صاحب جي ڪمري ۾ ويو جو ڪنڌ نوائي وڏيءَ سوچ ۾ گم هو. فضل الاهيءَ کيس سلام ڪيو هن ڪنڌ مٿي ڪڻي ڏانهس ڏنو ۽ سلام جو جواب ڏئي بي وسيءَ ۽ شرمندگيءَ مان مٿو هيٺ ڪري ڇڏيائين.

فضل الاهيءَ اڳتي وڌي ڏھ هزارن جو لفافو سندس اڳيان رکيو آهستي آهستي چوڻ لڳو. ”عبدالرحمان صاحب! فيصل مون کي سچو احوال ڏنو آهي. توهان دير نہ ڪريو هيءُ پئسا شهر ۾ آفيس بند ٿيڻ کان اڳ پهچايو. سرڪاري امانت آهي، توهان تي ڪو حرف نہ اچي آئون توهان جو نمڪ حلال آهيان. آئون پنهنجي ڌيءَ فريده جي شاديءَ جا زيور وڪڻي توهان لاءِ کڻي آيو آهيان. بيشڪ زيور زينت آهي، پر عزت کان مٿي ڪونهي. آئون چاهيان ٿو تہ توهان اهي پئسا مون کان قبول ڪريو“ ائين چئي فضل الاهي هيڊماستر جو جواب ٻڌڻ کان اڳ ڪمري مان نڪري ويو. عبدالرحمان صاحب جي اکين مان لڙڪ لڙي انهيءَ لفافي تي وڃي ڪريا هو يڪدم شهر لاءِ روانو ٿي ويو. دل ۾ پڪو ارادو ڪيائين تہ نہ فقط اهي پئسا گڏ ڪري فضل کي واپس ڪندس بلڪ سندس اهو وڏو احسان لاهڻ لاءِ کيس واپس نوڪريءَ ۾ بہ کڻندس.

□

# صحبت پور ۾ صاحبہ

پيارا ٻارو! علم وڏي طاقت آهي علم انسان کي سوچ ۽ ويچار سان گڏ جيئڻ جو سليقو سيکاري ۽ سمجھہ وڏائي ٿو. هتي آئون توهان کي هڪ واقعو بيان ڪري رهي آهيان، جو اميد تہ هن ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ توهان کي پسند ايندو ڳوٺ صحبتپور شهر کان گهٽي فاصلي تي غريبن جو هڪ سادو ڳوٺ هو. جنهن جي ڪل آبادي فقط 22 گهرن تي مشتمل هئي، ڳوٺ جي ماڻهن وٽ نہ ڪا اسپتال ۽ نہ ئي ڪا علاج جي سهوليت هئي، جيڪي بہ بيمار ٿيندا هئا تہ پاڻ ئي ڪنهن نہ ڪنهن ڏس پتي سان ديسي علاج ڪندا هئا پوءِ يا تہ مريض شفاياب ٿي ويندو هو يا فوت ٿي ويندو هو. هن ڳوٺ ۾ نہ هئي گئس نہ پاڻي نہ بجلي ڪا بہ سهولت نہ هئي. وڏا جبل ۽ انهن جي هڪ پاسي کان هڪ خوبصورت ندي، جنهن جو صاف پاڻي ڳوٺ وارن جي پاڻيءَ جي ضرورت لاءِ پورو ٿي ويندو هو. انهيءَ ڳوٺ ۾ هڪ ننڍي پياري ذهين نينگري صاحبہ نالي سان پنهنجي امڙ سان گڏ رهندي هئي هوءَ ٻن سالن جي هئي تہ سندس والد وفات ڪري ويو ۽ ماءُ هن نينگريءَ جي پرورش همت ۽ پيار سان ڪئي. صحبتپور ۾ ڪو بہ اسڪول ڪو نہ هو ۽ نہ ئي ڪنهن اسڪول يا پڙهائيءَ جو ڪو تصور بہ هو ٻن ٽن سالن کان هتي هڪ پوڙهو ماستر الائي ڪهڙيءَ ريت اچي رهيو ۽ ڪيس هن پرسڪون ڳوٺ ۽ شور کان پري واري ڳوٺ ۾ راحت اچي وئي ۽ هميشہ لاءِ هتي رهڻ جو سوچيائين ڳوٺ وارا ڪيس ماستر صاحب چوندا هئا. اصل نالي يوسف سان تہ ڪير ڪيس سڏيندو ئي ڪو نہ هو. هن واندي ويهڻ کان بهتر سمجهيو تہ ڳوٺ صحبت پور جي ٻارن کي علم جي روشنيءَ سان منور ڪري پر ڳوٺ وارن جي نظر ۾ ”اسين پنهنجي ٻارن کي پڙهائي ڇا ڪنداسين؟“

پڙهڻ جو ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ اهو سوچي هنن ماستر وٽ پنهنجا ٻار ڪو نہ موڪليا. صاحبہ جي ماءُ قمرالنساءِ کي ايترو سو شوق ضرور هو تہ سندس نياڻي

ڪجهہ نہ ڪجهہ پڙهي ۽ خط پٽ لکڻ جي قابل ٿئي يا ڪجهہ حساب ڪتاب ڪري سگهي. هڪ ڏينهن هوءَ صاحبہ کي ماستر يوسف وٽ وني وئي ۽ کيس چيائين تہ ”ماستر صاحب آئون چاهيان ٿي تہ توهين منهنجي ڏيءَ صاحبہ کي پڙهڻ لکڻ سيکاريو. ماستر گهٽ ڳالهائو ۽ پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ وارو ڪجهہ وڏيءَ عمر جو سنجيده طبيعت ماڻهو هو ايترو ئي جواب ڏنائين “ها! آئون پڙهائيندس“

صاحبہ جي ماءُ مطمئن ٿي ويئي ٻئي ڏينهن کان صاحبہ ماستر يوسف جي گهر پڙهڻ لڳي، هن پنهنجي سامان مان ڪتاب، ڪاغذ ۽ پينسلون ڪڍيون کيس لفظن جي ۽ انگن جي سڃاڻپ ڏيڻ شروع ڪيائين. ٻن سالن ۾ صاحبہ لکڻ پڙهڻ ۽ انگريزيءَ جا لفظ سڃاڻڻ لڳي کيس انساني جسم جي عضون گلن، ميون ۽ جانورن جا نالا اردو ۽ انگريزي ۾ ياد ٿي ويا. ماستر کيس ٻڌايو تہ ڪهڙا کاتا ڪهڙو ڪم ڪندا آهن؟ پوسٽ جي کاتي جو ڪهڙو ڪم آهي؟ پوليس ۽ فوج جو ڪهڙو ڪم آهي؟ انهن جي حوالي ڇاڇا ذمہ داريون آهن. اخبارون ۽ رسالا ڪهڙو ڪردار ادا ڪن ٿا. سماج ۾ ڇا وهي واپري ٿو ۽ ٻي ڪافي دنيا جي معلومات ڏنائين ان ريت صاحبہ ڪيتريون شيون پنهنجي ذهن جي خزاني ۾ محفوظ ڪري ڇڏيون. هوءَ وڏيڪ کان وڏيڪ علم حاصل ڪندي ويئي هڪ ڏينهن هن ڇا ڪيو جو بلو رنگ ڪٽي ڳوٺ صحبت پور جي رئيس ڪريم بخش جو نالو سندس گهر جي پت تي وڏن اکرن سان لکيو ۽ گڏ سهڻا گل ناهيائين. ٿوريءَ دير ۾ رئيس ڪريم بخش ۽ ٻيا ماڻهو اچي اتي بيٺا رئيس تمام گهڻو خوش ٿيو هُن چيو تہ مون تہ پنهنجو نالو ايترن سهڻن اکرن ۾ لکيل پهريون دفعو ڏٺو آهي، اڄ کان صاحبہ منهنجي ڌيءَ آهي، آئون سندس هر ڳالهہ مڃيندس. اهو ڏسي ڳوٺ جا ٻيا ماڻهو بہ اچي ماستر کي منٿ ڪرڻ لڳا تہ اسان جي ٻارن کي بہ پڙهائي صحبتپور ۾ علم جي اهميت وڌڻ لڳي پوءِ هڪ وڏو واقعو ٿيو جنهن سان اهو ڳوٺ ترقي يافتہ ٿي ويو.

ٽيو ايئن، جو هڪ ڏينهن صاحب استاد وٽ اخبار پئي پڙهي سندس نظر خطن جي پاڱي واري صفحن تي ويئي هن استاد کان پڇيو جنهن کيس ٻڌايو تہ اخبار جو اهو صفحو خاص خطن لاءِ آهي، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجا مسئلا يا ملڪ جا مسئلا لکي اخبار معرفت دنيا کي ۽ وس وارن کي ڄاڻائيندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن جو خوب اثر ٿيندو آهي ۽ مسئلا حل بہ ٿي ويندا آهن. صاحب سوچيو تہ پوءِ ڇو نہ آئون خط لکي پنهنجي ڳوٺ جا مسئلا اخبار ۾ شايع ڪرايان اهو پڪو خيال ڪري هن وڏي وزير جي نالي خط لکيو جنهن ۾ اها آگاهي ڏنائين تہ هن ترقي يافتہ دور ۾ بہ صحبتپور جا ماڻهو انتهائي تڪليف واري حياتي گذاري رهيا آهن. ڪا بہ زندگيءَ جي بنيادي ضرورت هن ڳوٺ ۾ ميسر ڪونهي. اهو خط تفصيل سان لکي لفافي ۾ وجهي هوءَ پنهنجي ماءُ سان گڏ رئيس ڪريم بخش جي گهر پهتي کيس عرض ڪيائين تہ. ”توهان مون کي پنهنجي ڌيءَ برابر ڪوٺيو آهي. منهنجو فقط هڪ ڪم ڪريو هن لفافي تي ٽڪلي لڳائي ڪنهن ويجهي شهر جي پوسٽ آفيس ۾ پوسٽ ماستر جي حوالي ڪري اچو تہ هو جيئن ان کي پوسٽ ڪري“. رئيس ڪريم بخش ان ريت ڪيو جيئن صاحب کيس چيو هو ۽ خط اختياريءَ وارن تائين پهچي ويو.

پندرهن ڏينهن ڪانپوءِ هڪ جيپ هن ڳوٺ ۾ داخل ٿي جنهن ۾ چار شخص اخبار وارن جي معرفت وزيراعليٰ هائوس مان آيا هئا ۽ صاحب لاءِ گلدستا ۽ شهر مان آندل تحفا کيس ڏنائون سڄو ڳوٺ سندن گهر اچي مڙيو هنن پوري ڳوٺ جو تفصيلي دورو ڪيو. تصويرون ڪڍيون ۽ ويندي مهل خوشخبري ڏيئي ويا تہ جلد ئي توهان صحبت پور جو نقشو بدليل ڏسندا ۽ رئيس کي بہ پاڻ سان شهر وٺي ويا تہ جيئن کيس اخبار جي اها آفيس ڏيکارين ۽ ٻن ڏينهن ۾ صاحب جو وڏو انٽرويو تصوير سان ڇپيو ۽ ڳوٺ وارن جا فوٽو ۽ مسئلا هن سروي ۾ ڇپيا جنهن جون رئيس ڪريم ڪوڙ سارين ڪاپيون ڪٽي آيو اچي ڳوٺ واسين کي ڏنائين هاڻي تہ هن ڳوٺ جي حالتن جي خبر سڄي ملڪ ۾ مشهور ٿي وئي، حڪومت

هڪدم ترقيءَ جا اعلان ڪيا، اسڪول، پوسٽ آفيس، اسپتال، روڊ ۽ رستا منظور ٿي ويا، ڀن مهينن ۾ ڪم شروع ٿي ويو. لائيٽ جا ٿنيا بہ لڳڻ لڳا تہ گئس ۽ پاڻيءَ جون لائينون بہ روڊن جي ٺهڻ سان گڏ ڇڪيون ويون. صاحبہ جي ماءُ جا تاحيات ماهانہ پئسا مقرر ٿيا ۽ صاحبہ کي حُسن ڪارڪردگيءَ جي شيلڊ حڪومت طرفان عطا ڪئي وئي. حڪومت جي نگرانيءَ ۾ هن ذهين ۽ هوشيار نينگريءَ جي اعليٰ تعليم جو بندوبست پڻ ڪيو ويو.

□

# امتحان جو فارم

پرنسپل صاحب جي ڪمري ۾ ويٺل بينڪ مينيجر جي اکين مان ڳوڙها وهي ميز تي ڪريا. جڏهن کيس خبر پئي تہ سليمان صاحب وفات ڪري ويو آهي. پرنسپل محمد عليءَ، مينيجر صديق کان پڇيو "صديق صاحب! ڇا توهين استاد سليمان کي سڃاڻندا هئا؟ توهان جو اچڻ ڪهڙي سلسلي ۾ ٿيو آهي؟ ڇا توهان هن ڪاليج ۾ اڳ ۾ پڙهڻ آيا هئا؟"

بينڪ مينيجر صديق هڪبڪي پوپان ٿيندڙ سوالن جو تحمل سان جواب ڏيندي چيو تہ. "سائين محمد علي آئون هن ڪاليج جو پراڻو شاگرد رهي چڪو آهيان. ويهہ سال اڳ آئون هتي پڙهندو هئس" پرنسپل پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ۽ چوڻ لڳو تہ. "تمام سٺو توهان هن ڪاليج مان تعليم حاصل ڪئي ۽ اڄ ماشاءَالله هڪ سرڪاري آفيسر آهيو. مون کي توهان سان ملي دلي خوشي محسوس ٿي رهي آهي. تہ هن ڪاليج جا محنتي شاگرد اڄ اوج تي رسيل آهن".

پٽيوالي کي چانهن آڻڻ جو چئي پرنسپل بہ ٽي چوڪرن جون درخواستون ڏٺيون ۽ پوءِ داخلا واري ڪلارڪ کي گُهرائي کيس داخلا فارم آڻڻ لاءِ چيائين کيس صديق صاحب ٻڌائي چڪو هو تہ هو پٽ جي داخلا جي سلسلي جي ڪري آيو آهي.

ڪلارڪ امين جڏهن فارم ڪڍي آيو تڏهن پرنسپل وري صديق ڏي متوجہ ٿيو ۽ ڪلارڪ کي چيائين "صاحب کي فارم سان گڏ جيڪي ڪاغذ لڳن تہ اهي ٻڌائج" ڪلارڪ اها لسٽ بہ ڪڍي آيو هو. ٿوريءَ دير کانپوءِ صديق مينيجر ۽ پرنسپل پاڻ ۾ سليمان صاحب جي وفات جي ذڪر تي اچي ويا.

صديق پنهنجي استاد سليمان جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو تہ ڪيئن تہ هو کين پڙهائيءَ ڏي راغب ڪندڙ ۽ انعامي مقابلا ڪرائي وڏيڪ اڳيان وڌڻ جو شوق ڏياريندو هو. ٿوري دير کانپوءِ سوچيندي چيائين محمد علي صاحب سر سليمان

جو هڪ قرض مون ڏي آهي. پرنسپل اوچتو چرڪي ڏانهس ڏنو ۽ پڇيائين، ”سائين ڪهڙو قرض؟“ ”قرض ان ريت آهي تہ جڏهن آئون پڙهندو هئس انهن ڏينهن ۾ منهنجي والد جي مالي حيثيت تمام گهٽ هئڻ ڪري اسين انتهائي غربت جو شڪار هئاسين. منهنجو بابا مزوري ڪري وڏيءَ مشڪل سان گهر جو خرچ پورو ڪندو هو. جنهن ڏينهن امتحان جو فارم جمع پئي ٿيو ڪل فيس ٻارهن روپين ۾ مون وٽ پئسا گهٽ هئا، ان ڪري آئون فارم ڀري نٿي سگهيس. آخري تاريخ اچي وئي“ اهو چئي هن ساهي کنئي، ” پوءِ ڇا ٿيو؟“ محمد علي پرنسپال سڄي ڳالهہ ڌيان سان ٻڌندي پڇيو. ”پرنسپال صاحب! اهو مون تي سائين سلمان جو ايڏو وڏو ٿورو آهي جو آئون لاهي ئي نٿو سگهان. هن مون کان سڄي خبر چار ورتي منهنجي اکين ۾ ڳوڙها ڏسي چيائين، ”خير آهي بابا! زندگيءَ ۾ اهڙيون ڳالهيون ٿينديون آهن جو ان دل کو نہ هاريندا آهن. تون سمجهہ تنهنجو فارم ڀرجي ويو. هن پنهنجي کيسي مان پئسا ڪڍي پورا ڪري مون کي فارم صحيح ڪري ڏنو ۽ چيائين وڃي ڪلارڪ وٽ جمع ڪرائي جڏهن پئسا ٿين تڏهن واپس ڪجانءِ.“

”آئون سندن تمام گهڻو احسانمند آهيان سائين جوانيءَ جي عمر هئي امتحان ڏنم پاس بہ ٿيس پر سر سليمان کي قرض واپس ڪرڻ وسري ويس، هاڻي جڏهن مون وٽ پئسا آهن تڏهن منهنجو محسن موجود ڪونهي ڇا سندس گهر مان ڪير هتي آهي تہ آئون اهو قرض ڪنهن طرح لاهيان“ پرنسپال ڪيس نهڪر ڪندي وراڻيو ”هو هتي ڀري ڪان آيل هو سندس وفات کانپوءِ انهن جا ڪٽنب وارا پنهنجي ڳوٺ ڏي هليا ويا“. کيس جواب ڏيندي محمد علي صاحب سوچڻ لڳو تہ استاف کين، ڪيترو تہ سليمان جي خلاف ڀڙڪائيندو هو هوُ تہ تمام نيڪ ماڻهو هو صديق جي ڳالهين مان تہ خبر پوي پئي هن تہ ڪيترن شاگردن سان ڀلائي ڪئي هئي. واقعي صحيح چوندا آهن تہ جيستائين ڪنهن ڪم جي اکين ڏٺي ۽ ڪنن ٻڌي تصديق نہ هجي تيستائين انهيءَ ماڻهوءَ جي

باري ۾ غلط راءِ قائم نہ ڪجي اجا انهن سوچن ۾ هو تہ پٽيوالي کين ڪنهن جي اچڻ جو اطلاع ڏنو. هُن اجازت ڏني، هڪ پوڙهو پيءُ پنهنجي شاگرد پٽ سان گڏ درخواست کڻي آيو پرنسپال اها درخواست پڙهڻ کانپوءِ انڪار ۾ ڪنڌ ڏوڻيو ۽ شاگرد ۽ ان جي پيءُ ڏي نهاريندي چيائين تہ "بابا! هيءُ پئسا توهان کي جمع ڪرائڻا پوندا. هيءُ ڪاليج جي فيس ڪانهي جنهن جي قسط ٿيئي هيءَ بورڊ جي في آهي، هر صورت ۾ پورا پئسا ڏيڻا پوندا. صديق سڄو لقاءُ اکين سان پئي ڏٺو سمجهي ويو تہ اهو پوڙهو يقينن مزور ماڻهو آهي وٽس فيءَ لاءِ آهڙار ڪونهن.

صديق مينيجر ويندڙ پوڙهي کي آواز ڏنو ۽ چيائين، "بابا! هي پئسا وٺ ۽ پنهنجي پٽ جو فارم ڀري ڇڏ". ائين چوندي هن ٻٽون کولي هزار هزار جا نوٽ ڪڍي کيس ڏنا، پوڙهي جي اکين ۾ خوشي اچي وئي پر وري بہ چوڻ لڳو تہ. "پٽ آئون تہ تو کي سڃاڻان ئي ڪونہ ۽ پئسا ڪيئن کڻان؟ پوءِ واپس ڪڏهن ۽ ڪٿي ڪندس؟" صديق مُرڪي چيس، "ڪا بہ واپسيءَ جي ضرورت ڪونهي، توهان بي فڪر ٿي فارم ڀريو. "سندس مٿ ۾ زوريءَ پئسا ڏيندي پرنسپال صاحب ڏي مُڙي اکين ئي اکين ۾ کين آگاهہ ڪيائين تہ "مون سر سليمان جو قرض جڻ ادا ڪيو آهي ۽ منهنجي دل ۽ دماغ تي پيل سالن جو بوجهہ هاڻي هلڪو ٿي ويو."

□

# پري ۽ وفادار سپاهي

ڳالهہ ڪندا آهن تہ ملڪ خدا آباد جو بادشاهہ ورهين کان اولاد جي نعمت کان محروم رهيو. هن رحم دل بادشاهہ کي گهڻن سالن کانپوءِ هڪ نياڻي پيدا ٿي، بادشاهہ خوش ٿيو پر جڏهن شهزاديءَ کي ڏٺائين تہ سندس دل هارجي وئي، هو گهڻو اداس ٿي ويو. ڇوڪري رنگ ۾ تمام ڪاري ۽ ڪوجهي هئي، بادشاهہ سندس شڪل ڏسڻ بہ هاڻي پسند نہ ڪندو هو. اڪثر ننڍي شهزادي، راڻيءَ وٽ يا پوءِ خادمائن وٽ هوندي هئي، جيڪي سندس سار سنڀال ڪنديون هيون.

بادشاهہ گهڻي وقت کانپوءِ اولاد ٿيڻ جي صورت ۾ جيڪو جشن ۽ دعوت جو پروگرام رٿيو هو بہ ختم ڪري ڇڏيائين ۽ رعايا کي چيو ويو تہ ڪير بہ شهزاديءَ سان نہ ملي جو بادشاهہ نٿي چاهيو تہ سندس نياڻيءَ بابت هر ويرو ڪير ڪا ڳالهہ ٻولهہ ڪري، هڪ پوڙهي عورت ضد ڪندي محلات مان نہ وڃي تہ آئون ڪنهن بہ حالت ۾ شهزاديءَ کي ڏسنديس. اهو ڏسي هڪ وفادار سپاهي راڻيءَ وٽ آيو ۽ صورتحال کان آگاهہ ڪيائين. راڻيءَ ڪجهہ دير سوچي پوءِ سپاهيءَ کي چيو تہ “نيڪ آهي، ڀلي پوڙهيءَ کي لڪائي شهزاديءَ جي ڪمري ڏي وٺي وڃ پر خيال ڪج تہ انهيءَ ڳالهہ جي خبر بادشاهہ کي بلڪل نہ ملي“

سپاهيءَ هائوڪار ڪئي، پوڙهي عورت ننڍيءَ شهزاديءَ وٽ پهچي کيس ڏسي واڪاڻ لڳي ”ماشاءَالله ڪيتري نہ حسين شهزادي آهي، هيءَ تہ اکين جو نور آهي، هن جا لفظ تہ سچا موتي ٿيندا ۽ وڏي ذهين ٿيندي“. راڻي کيس چپ ڪرائيندي دڙڪا ڏنا تہ توکي انهيءَ لاءِ اجازت ڪونہ ڏني هئي، تہ تون اسان جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪين ۽ هن ريت ٺوڪون ڪرين” پوڙهي مُرڪڻ لڳي هن منهن ۾ ڪجهہ پڙهيو ۽ شهزاديءَ تي ڦوڪيو. راڻي کيس ڦيٽا هڻندي ڏسي پريشان ٿي وئي، تيستائين ٻاهران بادشاهہ جو آواز آيو هو پڻ ساڳئي ڪمري ۾ اچي داخل ٿيو. شهزاديءَ کي ڏسي روئڻ لڳو تہ “ڪاش! هن بدصورت اولاد کان تہ آئون بي اولاد

هجان ها! هيءُ ڄمندي ئي مري وڃي ها تہ چڱو هو. گهٽ ۾ گهٽ مون تان ڪل تہ نہ ٿئي ها! خدا ڪري جوان ٿيڻ کان اڳ ڪيس ڪو زخم ٿئي، جنهن ۾ مري وڃي“ پوڙهي چپ چاپ اتان هلي وئي. راڻي بہ گهڻي پريشان ٿيڻ لڳي، ڪيس اهو اُلڪو ٿيس تہ آخر هن کي ڪير نپائي پالي وڏو ڪندو؟ هڪدم سندس ذهن ۾ اها پوڙهي عورت اچي وئي، جنهن شهزادي زهره جي گهڻي تعريف ڪئي هئي. ساڳئي سپاهيءَ کي گهرائي چيائين تہ، ان پوڙهي عورت کي وٺي اچي راڻيءَ جڏهن پوڙهيءَ کي ڏٺو تڏهن وٽس هنجون هارڻ لڳي، ڪيس چيائين تہ“ ههڙي نياڻي پيدا ٿيڻ سان منهنجي تہ چيلهہ ئي ڇڄي ٿي وئي، هيءُ تہ هاڻي جند جو جنجال ٿي وئي آهي نہ لڪائي ٿا سگهون ۽ نہ ئي ظاهر ٿا ڪري سگهون“ پوڙهيءَ راڻيءَ جي ڳالهہ کي وچ ۾ ڪٽيندي چيو ”ڪو بہ فڪر نہ ڪريو بادشاهہ سلامت جي بددعا پوري ٿيندي، شهزاديءَ کي زخم لڳندو پر هوءَ موت جي منهن ۾ ڪو نہ ويندي، گهڻو عرصو ننڊ ۾ هوندي ۽ بيو تہ جيئن جيئن وقت گذرندو شهزادي زهره حسين ٿيندي ويندي ڪيس آرسيءَ ۾ منهن ڏسڻ نہ ڏجو“ باقي هُن شهزاديءَ جي پرورش جي ذمہ داري ڪو نہ ڪنئي.

شهزادي زهره جيئن وڏي ٿيندي وئي تيئن تيئن واقعي سندس رنگ صاف ٿيندو ويو پر وڏي ڳالهہ هوءَ صورت کان وڌيڪ سيرت ۾ تمام ڀلي هئي، ملازمن سان سندس ورتاءُ مهربانيءَ ۽ اخلاص وارو هو. جڏهن پندرهن سالن جي ٿي تہ هوءَ هڪ دفعو ڪنيز جي ڪمري ۾ هلي وئي، جنهن سئيءَ سان سلائي پئي ڪئي، شهزاديءَ کانئس سئي ڪنئي پر هن جي لاءِ اها نئين شيءِ هئي زور سان سندس آڱر ۾ چڀي وئي ۽ شهزاديءَ کي زخم ٿي پيو. ڏسندي ئي ڏسندي ڪيس اگهور ننڊ اچي وئي، وڏيون ڪوششون ڪيون ويون پر هوءَ ڪا نہ جاڳي، راڻيءَ کي وري انهيءَ پوڙهيءَ عورت جو خيال آيو. ڪيس گهرايائين جنهن چيو تہ ”هن کي تڏهن هوش ايندو جڏهن ڪو شهزادو شهزاديءَ مٿي ترس کائيندو“.

راڻي گهڻي فڪرمند ٿي پوڙهيءَ کيس چيو تہ آئون سڄي محل لاءِ دُعا پڙهان ٿي تہ هاڻي سڀ گهري ننڊ سمهي رهن. هن ڪجهہ پڙهي چوطرف ڦوڪ ڏني، سڄو محل سمهي رهيو بادشاهہ، راڻي، سپاهي خارمائون سڀ ست سال ننڊ ۾ هئا. هڪ دفعي هڪ ٻئي ملڪ جو شهزادو اُتان متيو جنهن هن دلپذير محل جي هيتري خراب حالت ڏني تہ ڏک ٿيس. سوچيائين تہ وڃي اندر ڏسان. هو اندر محلات ۾ چا ويو!!. حيران ٿي ويو سمورا ماڻهو اگهور ننڊ ۾ الوٺ هئا. هيءَ جاکوڙي شهزادو سڀ ڄارا هٽائيندو رستو ٺاهيندو سمورا ڪمرا گهمندو رهيو. آخر ۾ شهزاديءَ زهره جي ڪمري تائين پهتو شهزادي ننڊ ۾ هئي ۽ حسين لڳي رهي هئي، شهزادو جان عالم هن معصوم ۽ پرڪشش شهزاديءَ کي هن حال ۾ ڏسي ترس کائڻ لڳو. سوچڻ لڳو تہ بيشڪ هيءُ ئي هن ملڪ جي شهزادي آهي، خدا ڪري هيءَ جاڳي پوي تہ ساڻس ڪي ڳالهيون ڪريان، اچي هن جي ويجهو بيٺو سندس هٿ متي پنهنجو هٿ رکيائين تہ شهزادي زهره ڪرموڙي سجاڳ ٿي اٿي ويٺي ۽ آهستي آهستي سندس جاڳڻ کانپوءِ سڄي محل جا سڀ ماڻهو جاڳي پيا.

بادشاهہ جو دربار لڳو تہ ڏٺائون راڻيءَ سان گڏ هڪ خوبصورت ڇوڪري اچي رهي آهي، بادشاهہ کانئس پڇيو تہ "هيءَ سهڻي ڇوڪري ڪير آهي؟" راڻيءَ وراڻيو "بادشاهہ سلامت هيءَ توهان جي نور نظر دختر آهي، جنهن جي پيدائش کانپوءِ توهان هاڻي ڏسي رهيا آهيو". بادشاهہ جڏهن اهو لقاءُ ڏٺو تڏهن پنهنجي تخت تان لهي هيٺ آيو ۽ شهزاديءَ کان معافي گهريائين تہ هو هڪ پيءُ جو پيار ڏيءَ کي ڏئي نہ سگهيو. شهزادي زهره خوش ٿي پيءُ کي ڀاڪر پاتو.

راڻيءَ بادشاهہ کي چيو تہ هڪ پوڙهيءَ عورت اسان جي پوري مدد ڪئي آهي. انهيءَ کي سپاهيءَ معرفت گهرايان ٿي. پوڙهي مائي دربار ۾ آئي تہ بادشاهہ، راڻي ۽ ٻين درٻارين اٿي ٻيهي سندس آڏر ڀاءُ ڪيو. بادشاهہ چيس، "اي نيڪ دل

عورت آئون تنهنجي مهرباني ٿو ميجيان جو تو منهنجي ڏيءَ جو ۽ هن محلات جو هر دم خيال رکيو آهي“.

”بادشاھ سلامت! اهو منهنجو فرض هو آئون انسان نہ آهيان بلڪ هڪ پري آهيان“ اهو چئي هن هڪ عمل پڙهي خود تي ڦوڪيو تہ هڪ حسين پريءَ جي صورت ۾ تبديل ٿي وئي، چوڻ لڳي، ”هڪ ڏينهن آئون پرستان مان هتي زمين تي گهمڻ آئي هيس رستو ڀلجي ويس پوءِ آئون هڪ پوڙهيءَ عورت جي روپ ۾هتي زمين تي رهيس توهان جي رعايا منهنجو سنو خيال رکيو. توهان رحم دل ۽ نيڪ انسان آهيو ان ڪري هتي رعايا بہ نيڪ آهي پر الله جڏهن توهان کي اولاد جي نعمت سان نوازيو تڏهن توهان ان جي ظاهري شڪل جي پنهنجي پالڻ هار سان شڪايت ڪئي، جا مناسب نہ هئي، انسان جي صورت جي ڪا بہ اهميت نہ هئڻ گهرجي. توهان جي شهزادي زهره هڪ فرمانبردار ۽ نيڪ خصلت نياڻي آهي“.

بادشاھ شرمندو ٿي ويو ۽ شهزاديءَ کي ڀاڪر پائي چوڻ لڳو ”مون کي شهزاديءَ تہ معاف ڪيو آهي الله بہ معاف ڪندو.“

پريءَ ڪانئن موڪلائي پرن کي ٿورو لوڏيو تہ هوءَ هوا ۾ مٿي تي غائب ٿي وئي، بادشاھ ۽ راڻيءَ خدا جو شڪر ادا ڪيو. راڻيءَ انهيءَ فرشتي جهڙي سپاهيءَ جي سيني سان تعريف ڪئي. جنهن هن پوڙهيءَ عورت/پريءَ کي وٽن آندو هو. سڄو دربار تاڙين جي ڦهڪن. ٿهڪن ۽خوشين سان واسجي ويو. جڏهن شهزادي جان عالم شهزاديءَ زهره کي منڊي پارائي ۽ ان ريت سندن شادي ڌوم ڌام سان ٿي ۽ هو خوش رهڻ لڳا.

# ڪاميابيءَ جو راز

سرفراز خان جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو ڪيس ٻڪ ٻه ڏاڍي لڳي هئي پر هو ڏيان سان سيٺ عثمان جي پٽ جا بوٽ پالش سان چمڪائي رهيو هو سيٺ جي پٽ عادت مطابق ڪائنس وڏي محنت سان بوٽ چمڪارائي ڪيسي ۾ هٿ وجهي خالي هٿ ٻاهر آندو ۽ ڪيس اشاري سان چيائين ته پئسا ڪليا ڪونهي ۽ مُرڪندو اڳيان هليو ويو ۽ بلڪل ايئن جيئن اسان وٽ ماڻهو ميوو وٺڻ مهل گاڏي تان ٿورو چکي ۽ پوءِ بنا وٺڻ جي هليا ويندا آهن. ويچاري گاڏي واري جو منهن جو پنو ٿي لهي ويندو آهي پر ڇا ڪري مني ٻه ماٺ ته مني ٻه ماٺ وانگر چپ هوندو آهي، ان ريت ڪيترائي ماڻهو صبح کان چک چکان ڪري سندس ميوو کائي پيا ويندا آهن. جيڪڏهن ميوي وارو ڪجهه چوندو آهي ته نڪَ جا پڪا ٿي پيا مُرڪندا آهن. پر سرفراز خان چپ رهي ڪو نه سگهيو هيءُ جوان پناڻ سيٺ جي پٽ عدنان کان پئسا گهرڻ لڳو ۽ چيائين ته. ”مون ته توهان جا بوٽ محنت سان پالش ڪيا آهن. منهنجي مزوري ڏيو ۽ سندس هٿ جهليائين هن ٻه نيلهو ڏئي ڪيرائي ڇڏيس“

سيٺ عثمان پري کان اهو منظر ڏٺو پئي ڪيس آواز پڻ صحيح پئي آيو هن سڄي ڳالهه سمجهي، ويجهو اچي پنهنجي پٽ کي زوردار ٿڦڙ هنيائين جو پريشان ٿي ويو. سرفراز گهبرائجي. پنهنجا لٽڪ اگهي وڃڻ لڳو سيٺ عثمان ڪيس سڏ ڪري روڪي ۽ ڇپر تي ٻاهر پيپل ڪرسين مان هڪ تي ڪيس ويهڻ جي صلاح ڪئي ۽ پنهنجي پٽ عدنان کي ٻه ويهڻ لاءِ چيائين ٻنهي ڇوڪرن لاءِ اها عجيب ڳالهه هئي پر ٻئي خاموش ٿي ويهي رهيا.

سيٺ عثمان چوڻ لڳو ”چاليهه سال اڳ هڪ خطرناڪ زلزلي جي تباهيءَ ۾ منهنجا ماءُ پيءُ فوت ٿي ويا. ان وقت آئون ننڍو هئس پنهنجي هڪ مائيٽ سان گڏ هن ڪراچي شهر ۾ آيس. هيءُ ته هڪ مهربان شهر آهي، جنهن الائي

ڪيترن کي پناهہ ڏني آهي، آئون بلڪل اڪيلو هئس ڪراچيءَ ۾ اچي مون بوٽ پالش ڪرڻ شروع ڪيا، ڪيترن مشڪلاتن کي منهن ڏنم. ڪيترا ڏينهن بکيو وقت ڪٽيندو هئس، روڊن جي فٽ پاٿن تي سُتس. مون جيترا ڪيترائي ڇوڪرا مون خيرات گهرندي ۽ پئسا پنندي ڏٺا پر منهنجي ضمير مون کي هميشہ محنت جو سمجهايو ۽ محنت کي ترجيح ڏيندي آئون ماڻهن جي بوٽن کي تمام سهڻو ۽ دل سان چمڪائيندو هئس. مون کي مزوريءَ سان گڏ ڪڏهن ڪڏهن خوش ٿي اهي وڏيڪ خرچي بہ ڏيندا هئا. رات جو منهنجي پانهن ۾ ڏاڍو سور ٿيندو هو پر آئون ٻئي ڏينهن جي محنت لاءِ خود کي تيار ڪندو هئس، انهيءَ اميد تي تہ انشاءَ الله منهنجا سٺا ڏينهن ضرور ايندا. اسين ننڍا لاوارث ڇوڪرا هڪ چمڙي جي ڪارخاني جي شيڊ هيٺ سمهندا هئاسين. جنهن جو مالڪ بہ محنتي هو ۽ اسان جي محنت ڏسي وڏيڪ همٿائيندو هو ۽ ڪاڏو بہ ڪارائيندو هو.

هڪ ڏينهن مالڪ مون کي چيو "منهنجي مينيجر جي طبيعت ٺيڪ ڪونهي تون بينڪ ۾ پئسا جمع ڪرائي اچ" آئون ڊرائيور سان گڏجي بينڪ ۾ پئسا رکائي رسيد کڻي آيس، منهنجي عادت هئي تہ آئون ڪم پڪو اصول وارو ۽ ثبوت سميت صحيح ڪندو هئس بہ درجا پڙهيل بہ هئس ڪجهہ تعليم هتي بہ هڪ سال ورتي سو بينڪ جو ڪم مالڪ مون کي ڏئي ڇڏيو، مينيجر ڪارخاني جي ٺي ڪمري ۾ ويٺو هوندو هو پر ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ کيس فالج ٿيو ۽ هو وفات ڪري ويو. هاڻي مالڪ مون کي مينيجر ڪري ڇڏيو ۽ آهستي آهستي مون تي وڏو اعتبار ڪرڻ لڳو مون ڊرائيونگ بہ سکي ورتي، هڪ ڏينهن مالڪ مون کي تمام پريشان لڳو.

زور پري پڇيومانس تڏهن ٻڌايائين مٿس بينڪ جو ڪجهہ قرض آهي پر ان کان وڏيڪ انهيءَ قرض جو وياج وڌي ويو آهي. اج آخري تاريخ آهي جيڪڏهن بينڪ ۾ اهي پئسا ادا نہ ڪيا تہ پوءِ ٿوري وقت ۾ هو ڪارخاني کي ضبط ڪندا. منهنجي عادت هئي تہ آئون تمام محدود خرچ ڪندي گهڻو پئسو بچائي رکندو

هئس منهنجي ايڏي حيثيت ڪونہ هئي جو مالڪ جو قرض لاهيان پر ڪيترن سالن جو بچيل پئسو ايترو ئي گڏ ٿي ويو هو جيترو مالڪ تي قرض هو. مون دل وڏي ڪري ڪين پنهنجا پئسا ڏيڻ جي آڇ ڪئي. پهرين تہ هن جواب ڏنو سندس خودداريءَ اهو قبول نٿي ڪيو تہ هڪ نوڪر کان پئسا ڪٽي اوڌر لاهي پر پوءِ منهنجي گهڻي اصرار تي هن اهي پئسا قبول ڪيا ۽ مون سان ئي گڏ بينڪ هلي قرض مان خود کي آجو ڪيائين.

توهان يقين ڪريو تہ اهو پڻ منهنجي حياتيءَ جو حسين ترين پَل هو. وقت گذرڻ سان منهنجو مالڪ مون کي بلڪل پنهنجي سڳن پائرن جيان پائڻ لڳو. ڪيس ڪا فئملي ڪا نہ هئي. ايتريقدر جڏهن هو گهڻو بيمار ٿيو. هن پنهنجي سڄي جائيداد ۽ هيءُ ڪارخانو منهنجي نالي لکيو. پنهنجي پٽ ڏي نهاريندي سيٺ عثمان چوڻ لڳو تہ. "آئون هرسال مقام تي جنهن قبر تي فاتحہ پڙهڻ ويندو آهيان، اُها منهنجي محسن منهنجي مالڪ سيٺ غياث الدين خان جي قبر آهي پٽ! عدنان مون ننڍپڻ ۾ بوٽ پالش ڪيا ۽ سرفراز خان بہ بوٽ پالش ڪري ٿو هڪڙي لحاظ کان اسين ٻئي هم پيشہ آهيون" سرفراز خان سيٺ جا لفظ ٻڌي دل ۾ خوشي ۽ فخر محسوس ڪيو تہ هو محنت ڪري ڪائي ٿو ۽ محنت جو صلو الله پاڪ ضرور عطا ڪري ٿو. عدنان کي بہ ڏک ٿيو تہ هن بي سبب سرفراز کي ڌڪ هڻي ڪيرايو. پيءُ جي چوڻ تي ڪانئس معافي گهريائين. اج ڪيس معلوم ٿيو تہ پورهيو ڪوبہ سنو ۽ خراب ڪونہ هوندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن بہ ڪم ۾ محنت ڪجي تہ ان جو ميوو ضرور ملي ٿو.

□

# ضدي ڇوڪري

ضد ڪرڻ هڪ تمام ناپسنديده عادت شمار ٿئي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن والدين پنهنجي ٻار جي هر جائز ۽ ناجائز خواهش کي پورو ڪري کين خود ئي ضدي ناهي ڇڏيندا آهن پوءِ ٻارن کي ناڪار (No) ٻڌڻ جي عادت ئي ختم ٿي ويندي آهي. هو سمجهندا آهن تہ اسان پنهنجي مائٽن لاءِ ايترا تہ اهم آهيون جو کين آسمان مان تارا لاهي ڏيڻ لاءِ چونداسين تہ بہ اهي ايئن ڪندا, پنهنجي وڏن جي گهٽي پيار جو هو گهڻو فائدو وٺي پنهنجون جائز ۽ ناجائز خواهشون مڃائي ”ضدي ۽ خودسر“ ٿي ويندا آهن. اهو گهڻو ڪري انهن گهرن ۾ ٿيندو آهي جتي ڪو ٻار سڪي ملندو آهي, يا گهر ۾ ٿورا ٻار هجن يا ماءُ ۽ پيءُ جي فطرت ۾ بہ ضد هجي سيني صورتن ۾ ضد جي عادت ڪنهن جي بہ نظر ۾ وڻڻ جوڳي تہ قطعي ڪونهي اڄ هڪ اهڙو واقعو توهان کي ٻڌايان ٿي.

”مون کي کپي, کپي ۽ هن پل کپي“ احمد جون رڙيون سڄي گهر ۾ ٻڌجي رهيون هيون. سندس ماءُ کيس سمجهائي رهي هئي تہ ”تنهنجو بابا آفيس مان ٿڪجي آيو آهي. آرام پيو ڪري رڙيون نہ ڪر هو ننڊ مان اُٿي پوءِ ساڻس ڳالهايون ٿا“.

پر اهو احمد ئي ڇا جو ڪٽي مڃي ڪو لحاظ ڪو نہ ڪيائين وڌيڪ رڙيون ڪرڻ لڳو تہ ”مون کي اڄ رات جو ئي نيون شرٽون ۽ پينٽون وٺي ڏيو, گهٽا ڪپڙا وٺي ڏيو سڄي الماڙي پوري پري رکندس“

احمد جي رڙين ۽ گوڙ تي امتياز صاحب جاڳي سندس ڪمري ۾ آيو“ بابا! ڇا جو گوڙ آهي؟ جيڪي کپي آرام سان ڳالهايو بلڪل ملندو.”

احمد ڏنو تہ هاڻي تہ ڪم ٿئي پيو سو ڪجهہ هيٺانهين وٺي فرمائش بيان ڪيائين. امتياز پنهنجي گهر واريءَ کي چانهن ٺاهڻ جو چئي وهنجڻ هليو ويو ۽ کيس بہ تيار ٿيڻ لاءِ چيائين پندرنهن منٽن ۾ هو هڪ وڏي شاپنگ مال وٽ بيٺل هئا, احمد دل کولي ڪپڙا ورتا ۽ جام سارا شاپنگ بيگز کڻي نچندو ٽپندو

اچي گاڏيءَ ۾ ماڻس سان خوش ٿي ڳالھائڻ لڳو رستي ۾ آئيس ڪريم کائي اچي گهر پهتا. سمورا ڪپڙا الماڙيءَ ۾ ٽنگي هَرَ هَرَ ڏسڻ لڳو هفتي ۾ ٻہ جوڙا پاتائين پوءِ وري ڏنائين بہ ڪونہ. پندرنهن ڏينهن ڪانپوءِ هڪ دوست جي گهر ويو جتي نئين وڊيو گيم ڏٺائين گهر اچي ان جي فرمائش ڪرڻ شروع ٿي ويو پٽس سمجھايس تہ اجان هن مهيني ۾ هيترا ڪپڙا ورتا آهن، هاڻي پهرين تاريخ تائين تہ صبر ڪر پر اهو احمد ئي ڪو نہ ڇئبو جيڪو صبر سان ويهي، هن وري اٿندي ويهندي ساڳيو راڳ آلاپڻ شروع ڪيو. نيٺ ماڻس ۽ پٽس ڪڪ ٿي ٻن ٽن ڏينهن ڪانپوءِ نئين وڊيو گيم ۾ سي ڊيز وٺي ڏنيون. گهر اچي خوش ٿي روز هڪ گيم کيڏيندو هو. ڏهن ڏينهن ۾ انهيءَ مان دل ڀرجي ويس نئين گيم کي الماڙي ۾ رکي وري پراڻي وڊيو سان کيڏڻ شروع ڪيائين. جو اها سندس هٿن تي ٺهيل هئي ۽ انهيءَ سان وڌيڪ مانوس هو.

ان ريت هو اڪثر نيون نيون فرمائشون، سائيڪلون، واچون برٿ ڊي پارٽيون ۽ ٻيا خرچ پٽس کي وجهندو رهندو هو. هڪ ڏينهن امتياز صاحب جو آفيس مان ايندي گاڏيءَ جو ايڪسيڊنٽ ٿي ويو سندس ٽنگ ۾ فريڪچر ٿيو ۽ هو بستري ڀيڙو وڃي ٿيو. احمد اسڪول رڪشا ۾ اچڻ وڃڻ لڳو. ماءُ کي اداس ۽ اسپتالن جا ڳاٽي ڀڳا خرچ ڏسي سندس دل کي وڏو ڌڪ آيو. پنهنجا غلط رويا ۽ ضد کيس ياد اچڻ لڳا، دل سان ماءُ ۽ پيءُ کان معافي گهريائين هاڻي هو هڪ سمجهدار ۽ ذمہ دار ٻار ٿيڻ لڳو.

□

# سمجهدار نياڻي

(ٻارو هيءَ هڪ تاريخي ڪهاڻي ۾ سچو واقعو آهي، جو توهان کي دلچسپيءَ لاءِ ائون ڪهاڻي جي طور ڪري رهي آهيان). چون ٿا ته هڪ ڏينهن مغل شهنشاهہ جهانگير سخت گرمين جي ڏينهن جي صبح جو شڪار جو پروگرام رٿيو. شاهي فوج جي هڪ ننڍي دستي سان گڏ هو بند هيا ٻنڊيا چل جي جهنگ ۾ داخل ٿيو. جتي سندس نظر هڪ خوبصورت هرڻ تي وڃي پئي، جهانگير گهوڙي کي هرڻ ڏانهن تيزيءَسان موڙيو پر جيئن ته توهان کي خبر آهي ته هرڻ تيز ڊوڙندڙ جانورن مان آهي، سو اهو جهانگير جي پهچ کان تڪڙو گم ٿيڻ لڳو. بادشاهہ به سندس پيڇو ڪيو پر هڪ هنڌ گهاٽا ٻوڙا ۾ وڻ هئا جتي گهوڙو اندر وڃي نٽي سگهيو ۽ هرڻ بادشاهہ کان پڄي هڪ ئي ٽپ ۾ انهن وڻن ۾ گم ٿي ويو. بادشاهہ کي ٿوريءَ دير ۾ احساس ٿيو ته هو پنهنجي حفاظتي فوجي دستي کان گهڻو پري اچي ويو آهي. ڪيس گرميءَ جي ڪري اڃ لڳڻ لڳي، گهوڙو ڊوڙائيندي ۾ هرڻ جي پوبان پوڻ ۾ به ڪلاڪ گذري چڪا هئا، اُس پنهنجي تيزي ڏيکارڻ شروع ڪئي شهنشاهہ جو گلو سُڪي نوٽ ٿي رهيو هو. آسي پاسي ڪٿي به ڪو آباديءَ جو يا پاڻي ملڻ جو نالو نشان نہ هو. هن هڪ دفعو وري به گهوڙي مٿي ويٺي چوطرف نهاريو ڪيس ڪٿان به ڪو چشمو يا کوهہ ڏسڻ ۾ نٽي آيو. ان ريت هو آهستي آهستي اڳيان وڌڻ لڳو ڪيس پري کان چند وڻن وٽ ڪجهہ گهرن جا آثار ڏسڻ ۾ آيا. سندس دل ۾ اميد جا ڪرڻا ظاهر ٿيا، وڌيڪ همٿ اچي وئي. وڃي انهن گهرن وٽ بيٺو هڪ گهرجي اڱڻ مٿي نهيل ٿلهي تي چوڏهن پندرهن سالن جي هڪ نينگري ويٺل ڏٺائين.

اها سهڻي ڇوڪري ڏسي هن ويران هنڌ تي جهانگير حيران ٿي ويو. پاڻ گهوڙي تان لٿو ڇوڪريءَ ڪيس ادب سان سلام ڪيو ۽ چيائين ته "توهان سڃا پگهر ۾ ٻڏل آهيو. هتي ٿلهي تي آرام سان ويهو آئون توهان لاءِ پاڻي آڻيان ٿي".

ڇوڪري پاڻي کڻڻ هلي وئي، جهانگير ٻاهر سوچڻ لڳو تہ هن ويران جهنگ ۾ هيءَ حسين ڇوڪري اڪيلي ڪيئن رهندي هوندي؟ تيستائين ڇوڪري هڪ ٿالهہ ۾ ماني ۽ پاڻي کڻي آئي، سندس اڳيان رکندي چيائين تہ ”پهريائين توهان ٻہ ٽي گرهہ مانيءَ جا کائجو پوءِ پاڻي پيو هڪدم سخت گرميءَ ۾ ٿڌو پاڻي پيئڻ سان معدي کي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي، بک بہ اڄ سان گڏ ڏاڍي لڳي هئي، هن ڇوڪريءَ جي ڳالهہ ٻڌي پهريائين بہ گرهہ مانيءَ جا کاڌا ۽ پوءِ ٿڌو پاڻي پي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪيائين. ان وچ ۾ هُن ڇوڪريءَ هڪ بالٽي پاڻيءَ جي ڀري گهوڙي جي اڳيان رکي جهانگير ماني کائي واندو ٿيو تہ ڇوڪري لوٽي ۾ پاڻي کڻي سندس هٿ ڌوئارڻ لاءِ آئي. هٿ ڌوئاريندي هن جي نظر جهانگير جي آڱر ۾ پيل هيري جي منڊيءَ تي پئي، هوءَ هٿ ڌوئاري اندر گهر ۾ وئي جتان ڪجهہ ڪاغذ ۽ پينسل کڻي آئي ۽ جهانگير جي سامهون پنن تي لکڻ لڳي. هو سندس اهي ڪم ڏيان سان ڏسي رهيو هو. ڇوڪريءَ ڏانهس نهاريندي چيو، ”منهنجا معزز مهمان! ڇا آئون توهان جو هٿ ڏسي سگهان ٿي؟ جهانگير پنهنجي ساڄو هٿ هن ڏي وڌايو. هٿ ڏسي ڇوڪري وري اندر ڪمري ۾ وئي جتان واپسيءَ ۾ سندس هٿ ۾ هڪ ٻيو ڪاغذ هو جنهن تي جهانگير جي هٿ مطابق زائچو ٺهيل هو.

ڇوڪريءَ وڏي آواز سان پنهنجي ماءُ کي سڏ ڪيا، ”ماتا جي! ماتا جي! ٿوريءَ دير ۾ سندس ماءُ پرواري گهرمان ظاهر ٿي ۽ ايندي ئي چيائين تہ ”روپ متي! ڇا ڳالهہ آهي؟ روپ متي هيءُ شخص ڪير آهي؟“ جيستائين ڇوڪري جواب ڏي بادشاهہ چيو تہ ”پيڻ آئون آگري جو رهندڙ فوج جو سپاهي آهيان، رستو ڀلجي هتي نڪري پيس، توهان جي هن سمجهدار نياڻيءَ منهنجي ۽ منهنجي گهوڙي جي خدمت ڪئي. ڪارايو پياريو آئون شڪر گذار آهيان“.

روپ متيءَ هڪدم چيو تہ ”جان جي امان جيئندا قبلہ توهان پنهنجي شخصيت اسان کان لڪائي رهيا آهيو منهنجي زائچي جي مطابق توهان شهنشاھ جهانگير آهيو“

جهانگير روپ متيءَ جي قابليت ڏسي حيران ٿي ويو پر وري بہ پاڻ کي لڪائيندي چيائين تہ“ نہ ڏيءَ آئون پنهنجي شخصيت نٿو لڪايان پر تون ٻڌائي هن جهنگ ۾ اڪيلي ڪيئن ٿي رهين؟ تنهنجو ڪمائيءَ جو ذريعو ڪهڙو آهي؟”

پوڙهي هاٽي وچ ۾ ڳالهائڻ لڳي ۽ چيائين تہ “روپ متيءَ جو پتا (پيءُ) بيجاپور جو هڪ وڏو پنڊت ۽ شاهي نجومي هو هڪ ڏينهن وزيراعظم ڪانئس ڪنهن ڳالھ تي ناراض ٿي ويو. پوءِ هو شاهي ملازمت ڇڏي اچي هن جهنگ ۾ وينو. گذريل سال وفات ڪري ويو. اسان کي فقط هڪڙي ڏيءَ آهي, جنهن کي هن پنهنجو سڄو علم سيکاريو ۽ ڏيءَ جو امتحان وٺڻ لاءِ هن جڳھ جو زائچو ٺاهرايائين سندس نهيل زائچي ۽ روپ متيءَ جي زائچي مطابق هتي شاهي مهمان ايندو. جنهن جي هٿ ۾ منڊي هوندي ۽ ان ۾ ياقوت جو هيرو جڙيل هوندو. باقي سو جيئندا قبلا رزق ڏيڻ وارو بکيو نٿو سمهاري پرپاسي جي ڳوٺ جا ماڻهو ماني ڪارائيندا آهن. شهنشاھ سلامت توهان کي ڏٺي سکي رکي منهنجي ڏيءَ جو حساب ڪتاب غط نٿو ٿي سگهي, مون کي يقين آهي تہ توهان شهنشاھ جهانگير آهيو.“

پوڙهيءَ جي ڳالھ ٻڌڻ کانپوءِ شهنشاھ جهانگير لاءِ هاٽي پاڻ کي لڪائڻ جو ڪو بہ حيلو موجود نہ هو. هن پنهنجي منڊي لاهي روپ متيءَ کي ڏني ۽ چيائين ”اڄ کان تون منهجي ڏيءَ آهين“. تيستائين شاهي فوج جو دستو بہ اچي پهتو جنهن شهنشاھ کي فوجي انداز سان سلام ڪيو ۽ جهانگير جي اشاري سان هڪ پاسي بيهي رهيا.

روپ متي چوڻ لڳي تہ “مهاراج هنن ٻن ثبوتن جي موجودگيءَ ڪانپوءِ تہ توهان منهنجي نجومت کي غلط تہ نٿا چئي سگهو”. جهانگير پڇيس تہ “ڪهڙا ٻہ ثبوت؟” روپ متيءَ چيو تہ مهاراج پهريون ثبوت تہ شاهي فوج جي سلامي ۽ ٻيو ثبوت تہ هيتري قيمتي منڊي هڪدم شهنشاھ جهانگير ئي دان ۾ ڏئي سگهي ٿو.”

پوءِ هوءَ تيزيءَ سان اندر گهر ۾ وئي جتان ٿوريءَ دير ۾ هڪ خط کڻي آئي جهانگير کي ڏنائين ۽ چيائين تہ منهنجي پتا مرڻ کان اڳ توهان جي لاءِ هيءُ خط ڏنو هو شهنشاھ اهو کولي پڙهيو جنهن ۾ لکيل هو تہ “مهاراج: تمام جلدي توهان دکن تي بہ حڪمراني ڪندا. منهنجي درخواست آهي تہ منهنجي زال ۽ ڌيءَ جو خيال رکجو”

انهيءَ پڙهڻ ڪانپوءِ شهنشاھ جهانگير حڪم ڏنو تہ روپ متي ۽ سندس ماءُ کي شاهي محلات ۾ پهچايو وڃي. شاهي محلات ۾ راڻي نورجهان روپ متي ۽ ان جي ماءُ جي سنڀال جو ڪم پنهنجي ذمي ڪنيو. ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ شهر آگري جي هڪ معزز برهمڻ جي خاندان ۾ روپ متيءَ جي شادي ڪرائي ۽ روپ متيءَ جي والد جي حيثيت سان خود شهنشاھ جهانگير شاديءَ جي سڀني رسمن ۾ شريڪ ٿيو ۽ ڏاج جي طور هڪ وڏي جاگير روپ متيءَ کي عطا ڪئي. تاريخدان لکن ٿا تہ جهانگير شهنشاھ جي وفات ڪانپوءِ جڏهن شاهجهان تخت ڏٺي ٿيو. تڏهن هُن بہ پنهنجي ڪوئيل پيڻ روپ متيءَ جي جاگير ۾ واڌارو ڪيو ۽ سندس وڏي عزت ۽ احترام ڪندو هو.

☐

پروين هڪ ذهين عورت آهي، هوءَ تدريسي ڪم ڪرڻ سان گڏ لکڻ ۽ پڙهڻ جو ڪم به جاري رکندي اچي، سندس ڪيترائي ڪتاب ڇپجي ميڄتا ماڻي چڪا آهن. پروين جي ايترن ڪتابن لکڻ مان انداز لڳائي سگهجي ٿو ته هوءَ ادب سان ڪيترو چاھ رکندڙ محنتي ۽ ذهين آهي، منهنجي دُعا آهي ته خدا پاڪ ڪيس سندس انهيءَ مقصد ۾ ڪاميابي عطا ڪري. انشاءَ الله سندس هيءَ جاکوڙ هلندي رهي ۽ هوءَ لکندي رهندي. (آمين)

**ڊاڪٽر نور افروز خواجه**

ٻارڙن لاءِ جيترو چيو وڃي ٿو ته ٻارڙن لاءِ نٿو لکجي ان جو جواب اِهو آهي ٻارڙن لاءِ لکڻ ڪو آسان ڪم به ڪونهي ٻارن جي لاءِ لکڻ وقت ٻارڙن جي عمر، نفسيات، سوچون، وندر ۽ مشغولين کي به نظر ۾ رکڻو ٿو پوي ۽ ميڊم انهن سڀني ڳالهين کي ذهن ۾ رکي پوءِ لکيو آهي. هيءُ ڪتاب " مري ٿين نه مات"، جنهن ۾ سوانحي مضمون آهن مون مڪمل مطالعو ڪيو ته مون کي ڪتاب سٺو لڳو. سچ پچ ته سهُڻو دلچسپ ۽ وڻندڙ ڪتاب آهي.

**سرور نواز ٻگهيو**

سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ مرد شاعرن ۽ اديبن جو تہ ڪوڙ سارو شانائتو ڪم ڏٺجي ٿو پر اتي اسان جي سنڌي ادب جي نامور نثر نگار عالمہ اديبہ ۽ ڏاهي عورت ادي پروين موسىٰ ميمن سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ چڱو خاصو ڪم ڪيو آهي. علمي ادبي خدمتن سبب دنيا جي قائم هُئڻ تائين پروين ميمڻ جو نالو تاريخ ۾ ياد رکيو ويندو. سندس هي تازو ڪتاب ”شهزادي ماهہ نور“ تہ نهايت ئي نرالو ۽ نڪور ٻاراڻين ڪهاڻين سان ٽمٽار ٿيل دلچسپ ۽ وري وري پڙهڻ جهڙو آهي، جن ۾ سبق آموز ۽ نصيحت ڀريا نڪتا آهن. محترمہ ڊاڪٽر پروين ميمڻ صاحبہ گويا سنڌي ٻاراڻي ادب جي هڪ ”ماهہ نور“ آهي، جس هجي اداري ”چانڊوڪي“ کي جنهن هي ڪتاب ڇپائي شايع ڪيو آهي، قوي اميد آهي تہ هي آکاڻين جو ڳٽڪو پڙهي، آئيندي جا ابا ضرور اثرائتا، لائقتا، مانائتا سگهارا ۽ مُلهائتا مرتبا ماڻيندا.

**محمد ياسين ڪنير**

پروين ميمڻ مستقل ۽ مسلسل لکندڙ هڪ اڻ ورچ ليکڪا آهي، وڏي انگ ۾ سندس مضمون ۽ مقالا هند ۽ سنڌ جي رسالن ۾ ڇپبا رهن ٿا. هوءَ هر وقت علمي ۽ ادبي ڪم ۾ مصروف آهي، پروين مون کي پنهنجا ڪافي ڪتاب پوسٽ ذريعي موڪليا، جيڪي پڙهي مون کي انداز ٿيو تہ هن ايترا سوين صفحن جا ڪتاب لکيا آهن تہ هزارين صفحا ضرور پڙهيا هوندا مطلب تہ سندس مطالعو پڻ واڪاڻ جوڳو آهي، وٽس وڏو ڪتب خانو بہ هوندو، هوءَ علم ۽ ادب پرور پنهنجو سفر جاري رکندي اچي.

**وينا شرنگي**

**نئين دهلي**

جهڙي سونهن سچائي ۽ سادگيءَ ۾ هوندي آهي، اهڙي سونهن دنيا ۾ ٻيو ڪٿي بہ موجود ناهي، مون کي بہ اهڙي ماڻهن سان ملي دِلي خوشي ٿيندي آهي، جن جو وجود سچائي ۽ سادگيءَ جو اهڃاڻ هجي. ادي پروين موسيٰ ميمڻ بہ اهڙي شخصيت جي مالڪ آهي، جنهن جو حسن سندس سادگيءَ مان جلوه گر ٿيندو آهي، بلڪل سادگيءَ طرح سندس لکڻي بہ پاڻ وانگر، سادي سولي سہاجهي ۽ سياويڪ آهي. جنهن کي سولائيءَ سان پڙهي سمجهي ان مان لاڀ پرائي سگهجي ٿو.

**ماهين هيسباڻي**

ٻارڙن جي هٿن ۾ ڪو ڪتاب ڏيڻ سچ تہ برڪت ڀريو ڪم آهي ۽ اهڙو برڪت ڀريو ڪم اسان جي مانائتي آپا ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ بہ ڪري رهي آهي، ”تي تحفا“ ڪتاب جي ٻارنهن ڪهاڻين ۾ دلچسپيءَ سان گڏ نصيحتي نڪتا آهن. خلق جي خدمت، ماحوليات جو بچاءُ، ظلم خلاف احتجاج، مسلسل محنت ۽ جدوجهد ۽ ٻيا چڱا قدر هنن ڪهاڻين وسيلي اسان جي نئين نسل ڏانهن منتقل ٿيندي نظر اچن ٿا.

**امر اقبال**

ٿرپارڪر جي علمي ۽ ادبي طور زرخيز زمين تي جنم وٺندڙ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو نالو تحقيق ۽ تخليق جي ميدان ۾ ڏيهه پرڏيهه سڃاتو وڃي ٿو.
هيل تائين سندن ويهه ڪتاب ڇپجي مڃتا ماڻي چڪا آهن. جنهن ۾ هن وڏن لاءِ لکندي نئين نسل جي ذهني آبياري پڻ شوق سان ڪئي آهي. ٻالڪ ادب ۾ سندن هي ستون ڪتاب پڻ وڏي مڃتا ماڻيندو. (آمين)

**ادارو**

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي. ۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بڻائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book


ٿرپارڪر جي علمي ۽ ادبي طور زرخيز زمين تي جنم وٺندڙ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو نالو تحقيق ۽ تخليق جي ميدان ۾ ڏيهہ پرڏيهہ سڃاتو وڃي ٿو.
هيل تائين سندن ويهہ ڪتاب ڇپجي مڃتا ماڻي چڪا آهن، جنهن ۾ هن وڏن لاءِ لکندي نئين نسل جي ذهني آبياري پڻ شوق سان ڪئي آهي، ٻالڪ ادب ۾ سندن هي ستون ڪتاب پڻ وڏي مڃتا ماڻيندو۔ (آمين)
ادارو
اخلاقي قدر
Design By Mehran Ali